5259 L-Critic 54
5259 Crit 54

# سنڌي ساهت

ادبي ۽ تنقيدي مضمون

ليکڪ : آتم

# سنڌي ساهت

(ادبي ۽ تنقيدي مضمون)

ليک: آتم

قيمت رواجي جلد ٽي رپيا
ڪپڙي جي جلد سان ست رپيا

ڪتاب چوئيتاليهون] [جون ١٩٧١

Indian Institute of Sindhology
L.Criticism
5259|54
21.7.2000
Adipur-Kachchh

نئين دنيا پبلشرس
اي-۴، هيراباد مينشن
سيتلا ديويءَ ٽيمپل روڊ
مهيم، بمبئي-٠١٦

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١- جيئي سنڌ جي هلچل | ٩ |
| ٢- سنڌي ساهت ۽ آزادي | ٢٥ |
| ٣- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌيت | ٤٥ |
| ٤- شاهه، سچل ۽ سامي | ٦١ |
| ٥- حقيقت نگاري ۽ سنڌي ساهت | ٨٥ |
| ٦- بيوس جي شاعري | ١٠٥ |
| ٧- سنڌيت جي هلچل | ١١٩ |
| ٨- ضيا جو مذاقي شعر | ١٣١ |



Printed by Ram Jethanand at Janki Printing Press 77, Kapad Bazar, Mahim, Bombay-16. Owned and Published by him at Naeen Duniya Office, A-4, Hirabad Mansion. Sitladevi Temple Road, Mahim, Bombay-16.

اَرپڻ

شاهه، سچل ۽ ساميءَ

کي

## اڄ ئي اسانکان هيٺيان ۽ ٻيا ڪتاب گهرائي پڙهو

ٽو جنين جي رات (سنڌيءَ جون ڪاڙيون ڪهاڻيون) ٣-٠٠

ڪشمڪش (اَتم جي ڪهاڻين جو مجموعو) ٣-٠٠

دودي جو موت (شيخ اياز جا سنگيت- ناٽڪ) ٢-٠٠

جيئي سنڌ (سنڌ جي ليکڪن جون ڪهاڻيون) ٣-٠٠

ڀارت جو دوست لينن (اَتم جو انعامي ڪتاب) ٣-٠٠

روپ ۽ بهروپ (منووگياناڪ ناول، ترجمان اَتم) ١-٥٠

ڀريون پيار (ناول- سنڌيڪار کيمچند سمن) ٢-٠٠

پياسي ڌرتي، پياسي دلڙيون (ڪرشنچندر جو ناول) ٢-٥٠

گيت سنهري سنڌوءَ جا (شيخ اياز جو ڪلام) ٢-٠٠

مهاتما ۽ لينن (اَتم جو نئون ڪوجناڪ ڪتاب) ٢-٠٠

ڪرندڙ ديوارون (سندري اُتمچنداڻي جو ناول) ٢-٠٠

پريت پراڻي ريت نرالي (سندري اُتمچنداڻي جو ناول) ٢-٥٠

اَڇا وار ڳاڙها گل (سنڌيءَ جون نيون ڪهاڻيون) ٢-٠٠

اَمن سڏي پيو (سندري اُتمچنداڻي جو انعامي ڪتاب) ٢-٥٠

ڀارت-روس دوستي (اَتم جو انعامي ڪوجناڪ ڪتاب) ٢-٠٠

ٽئگور - هڪ جهلڪ (اَتم جو تنقيدي ڪتاب) ١-٥٠

انسان جو نصيب (شولوخوف جو ناول- ترجمان اَتم) ١-٠٠

پتنگن پڇ ڪيو (اَتم ۽ ٻين جون سنڌي ڪهاڻيون) ١-٠٠

چوڏهن ڀارتي ڪهاڻيون (ليکڪ يشپال ڪرشنچندر) ٢-٠٠

ناچو (مالهي، سندري ۽ ٻين جا سنڌي ناٽڪ) ١-٥٠

# "جيئي سنڌ" جي هلچل

سنڌ ۾ "جيئي سنڌ" جي هلچل شروع ٿئي ۽ زور ورتي چار پنج سال مس ٿيا آهن، پر انجو ٻج ورهاڱي وقت پئجي چڪو هو، جڏهن پاڪستان جي ڪري هندو سنڌ مان لڏڻ لڳا ۽ پنجابي ۽ مهاجر مسلمانن جا ڪٽڪ سنڌ ۾ اچڻ لڳا. انهن غير سنڌي مسلمانن، اچڻ سان ئي سنڌين جي زمينن ۽ جاين، ڌنڌن ۽ نوڪرين تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. ان وقت ڪن ترقي پسند سنڌين اهو ئي نعرو بلند ڪيو ته "سنڌ، سنڌين لاءِ آهي." جيئن "ٽئين دنيا" آگسٽ ١٩٤٧ واري پرچي ۾ لکيو، "پاڪستان وجود ۾ اچڻ کانپوءِ سنڌ ۾ هڪ نئون نعرو لڳڻ شروع ٿيو آهي. اهو نعرو آهي سنڌ، سنڌين لاءِ. خود ارادیت جو حق نه ملڻ ڪري، سنڌين جو اهو رايو آهي ته پنجابي ۽ ٻيا غير سنڌي، سنڌ جي زمين، واپار، نوڪرين ۽ سياست تي غالب پوندا..... سنڌ، پنجابين جي غلام رهندي... اهي انديشا ڪنهن حد تائين ضرور صحيح آهن ۽ ضروري آهي ته پنجابين ۽ ٻين غير سنڌين جي، سنڌ جي زمين، واپار، نوڪرين ۽ سياست ۾ دست اندازي جي هر امڪان کي روڪيو وڃي....."
ان وقت شيخ اياز "جيئي سنڌ" جو نعرو به بلند ڪيو جيڪو هن پنهنجي ڪهاڻي "پاڙيسري" ۾ ڪم آندو آهي، جا جون ١٩٤٧ ۾ "اسانجي سنڌ" نالي ڪتاب ۾ ڇپي هئي،

سنڌ اسيمبليءَ تان ٽن ووٽن جي اهالي وٺڻ لاءِ پيرزادي عبدالستار جي وزارت کي ڊسمس ڪري کهڙي جي وزارت آندي ويئي. جي. ايم. سيد ۽ حيدربخش جتوئي جهڙن جن ان جي مخالفت ڪئي، تن کي جيلن ۾ وڌو ويو ۽ ٻين ميمبرن کان بندوقن جي زور تي قبوليت ورتي ويئي. ياد رهي ته سن ١٩٤٧ کان ١٩٥٤ تائين سنڌ ۾ ١١ وزارتون ٺهيون ۽ ڊٺيون. ان عرصي ۾ ٥ مقرر ٿيل گورنرن مان سنڌي رڳو هڪ هو. گذريل ١٥ سالن ۾ ڪنهن به سنڌيءَ کي ڪمشنر يا پوليس جو انسپيڪٽر جنرل يا ڊپٽي جنرل جو عهدو نه ڏنو ويو.

ون يونٽ قائم ٿيڻ ڪري سنڌ جي نه رڳو راجنيتي هستي ختم ٿي ويئي، پر ان جي تهذيبي حيثيت يعني ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو ستياناس ٿي ويئي. سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري دفترن، ڪاليجن ۽ لئبررين مان نيڪالي ملي ويئي. سيڪنڊري درجن ۾ سنڌيءَ رستي تعليم ڏيڻ بند ڪئي ويئي. ان جي جاءِ اردوءَ والاري. سنڌي ڪاليجن ۾ غير سنڌي ڀرتي ڪيا ويا. ڪيترن ئي سنڌي اخبارن ۽ رسالن کي شايع ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويئي. ريڊيو تان سنڌيءَ ۾ پروگرام نه جهڙو ڏنو ويو. ان وقت جي سنڌ جي حالت جي تصوير اياز جي هن لاثاني بيت مان اڀوليءَ ملي ٿي:

”ڏهي ڊرڙهي لٿا، ڊرڙهي ڏاهي

آيا گهڙي او ٻرا، لڪري ويا ليهي،
ٻراوا ٻيهي، والاري ويا سنڌڙي.“

ليڪن سنڌي عوام کان اهڙي حالت سٺي نه ٿي. اُن ون يونٽ خلاف آواز بلند ڪيو. سنڌ جو سود و ڪندڙن تي خوب ڪت لعنت وڌي ويئي، جيئن هڪ شاعر ابن حيات پنهور ١٩٥٦ ۾ لکيو:-

سنڌ جا سوداگر تو تي لعنت لک هزار
صديون گذريون ڪنهن نه ڪيو هي ذلت جو واپار
سو اِن سڪندر، قاسم ڪرڙا، اَحمد شاهه اَبدالي
آيا تو کر کاٽي هليا ويا، ويٺا ڪين تي والي،
سنڌ سونهاري سالم رهندي، ڪامل آ اعتبار!

ٻئي هڪ شاعر ”سنڌي ليڊر“ ڏانهن مخاطب ٿي لکيو هو:-

”وڃائي سنڌ، سنڌين کان ڀلا ڇو ڪيئن سڪيو رهندين؟
منسٽر ٿي به پنجابين جا پادر سر مٿان سهندين.
نه پنهنجن وٽ نه غيرن ۾ ڪٿي ڪو مان تون لهندين
ذليل گدڙ جيان پنهنجي پيو پاڇي کان تون ٿهندين.“

هڪ طرف ون يونٽ جي طرفدارن خلاف ڪت لعنت شروع ٿي نه ٻئي طرف سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سڪ جو جڳ سيلاب وهي لڳو. شيخ اَياز ”منڙي سنڌ“ شعر ۾ لکيو:

تو تان واريان جند- منهنجي منڙي سنڌ!
تنهنجي ٻوليءَ جو مان ٻيلي، واريان تنهن تان ڪاٽ
گالهيون تنهنجون گايان، منهنجو سر آهي تو ساٿ! او تان...

پنهنجو آهي هي اسلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!
(٢) "جيئي هند ۽ جيئي سنڌ!
جيئي جيءُ منهنجو هر هنڌ!
پيار پيار لئي عام ۽ جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!!"

ان خيال جي ڪري ئي اهي گيت ڪوتا سنڌ ۾ ڪنهن به مخزن ڇپڻ جي جرئت نه ڪئي، پر اهي سڀ "نئين دنيا" ۾ ڇپجڻ لاءِ آيا جا جون ١٩٦٧ واري پرچي ۾ ڇپي وئي. ان ڪوتا ۽ ٻين اهڙين ڪوتائن جي ڪري جتوئيءَ کان پاڪستان سرڪار ويهه هزار ضمانت گهري جا هن نه ڏني. انهن ڪوتائن سان اڳيون جتوئي جنهن "درياهه شاهه" ۽ "شڪوه" شعرن سان شهرت حاصل ڪئي هئي، سو هاڻي وري ڪوتا جي کيتر ۾ واپس آيو. هونءَ آرٽ ۽ راجنيتي کيتر ۾ سرگرم رهنمائي ڪرڻ ڪري، جتوئي ڪافي وقت تائين ڪوتا لکڻ ئي ڇڏي ڏني هئي ۽ هو ڄڻ "جيئي سنڌ" هلچل جو هاري مورچو سنڀالي ويٺو هو. افسوس جو ان ڪوتا لکڻ ڪالپوءِ ٽن سالن اندر، مي ١٩٧٠ ۾ حيدربخش جتوئي سدائين لاءِ جدائي ڪري ويو. ليڪن هو اڄ به امر آهي.

جيڪو خيال جتوئيءَ جي مٿي ڏنل پدن ۾ پيش ڪيل آهي، ٺيڪ ٺيڪ اهڙو خيال لوڪ پياري ڪويءَ شيخ اياز

١٩٦٥ ۾ هندستان - پاڪستان جي جنگ وقت لکيل هنجي
هينئين شعر ۾ ڏنو آهي:-

هي سنگرام!
سامهون آ
ڌاراڱڙ شيام!
هن جا منهنجا،
ڦول ٻه ساڳيا،
ٻول ٻه ساڳيا،
هو ڪوتا جو ڪاڪ - ڏاڙهي ٻر
منهنجا رنگ - رنگول ٻه ساڳيا.
ٻت ٻه ساڳيو،
ٻول ٻه ساڳيو،
هانءُ ٻه ساڳيو،
هول ٻه ساڳيا،
هن لئي ڪيئن بندوق کڻان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان.
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان...

هن ڪوتا لکڻ جي ڪري نه وسريو شيخ اياز کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ سالن جنهون ڪيئون ويئون، ٻو اُن ڪالهوڙه جيل کي جڳ هندو گهر ٺاهيو ويو. ڪن لکڻ ۽ لکڻين نه سرڪار

لکڻ ۽ ڏاهر ۽ سندس راڻيءَ جي بهادري بابت ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ڪتاب ۾، ذڪر ڪرڻ سان ڪئي.

”ڪلهي پاٽر ڪينرو“ ۾ جيڪا عاليشان ڪوتا لکيائين، سا هيٺ ڏيان ٿو:-

## راجا ڏاهر!

تنهنجون ٻياڻيون
سهڻيون سياڻيون

ڪنهن هٿن آنديون!
ماڻديون! ٻانديون!

چيلهه ۾ رسا
ڇڪيا چوٽا
اڳيان گهوڙا

پٺ ٽان پياريون
راڄ ڪماريون
ننگيون ساريون

ها، پر آهي
پوءِ انهن جي

منهن تي نفرت
عظمت، جرائت!

آهن منهنجون
جڻ ڪوتائون.

پوءِ ته جي - ايم - سيد ۾ ان خيال جي ڪلي حمايت

# سنڌي ساهت ۽ آزادي

هندستان ۱۸۵۷ ۾ غلاميءَ جا ٻنڌڻ ٽوڙڻ لاءِ پهريون دفعو وسيع پيماني تي انگريزي حاڪمن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. سامراجين جي ساري زور هڻي جو هو بغاوت کي دٻائي سگهيا. ليڪن بغاوت جي آگ صفا اجهامي ڪانه ويئي. ان مان جا چڻنگ رهجي ويئي سا آهستي آهستي دکندي هڪ ڀنڀٽ ٺهجي پيئي، جنهن غلاميءَ جي گهاڻگهي کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏيو.

۱۸۵۷ کان ۱۹۴۷ تائين، ٦٠ سالن جو دور هندستان جي اتهاس ۾ آزاديءَ جو يگ سڏجي ٿو. ان دور ۾ هندواسين هڪ اهڙيءَ سلطنت سان ٽڪريون کاڌيون جنهن تان سج ڪڏهن به نه لهندو هو.

ساهت سماج جو آئينو آهي، اهو زماني جي پيدائش آهي. انڪري اسانجي ساهت جو ان يگ جي آزاديءَ

ٻر مڙيو موٽيو هي پوءِ ٻه ڪونه!"

## مضمون

جنهن ڀڳتي ٻولي ۾ لعلچند ڏاڙن جي پيدرديءَ جو بيان ڪيو ۽ جوانن کي آزاديءَ لاءِ للڪاريو، سا بئي ورلي ڪنهن ليکڪ کم آندي. هنجي ٻولي سوَن ۾ ٻه پڌري. ڏسو ته انگريزن لاءِ ڇا ٿو چوي- "پري ڏيڍ صدي ٿيري ويئي آهي، پاڻ ته اسانوٽ وهي چڱائي منگوچا ماڻيا اٿن، اسانکي رڳو انسانيت جا معمولي حق به نصيب نه ٿيا آهن! قومي تعصب ڏاڙ رنگ روپ جو پيد ڏاڙ، اسانجي نڪو ٿو پڌي، نڪو ٿو سٽي! وري اند ۾ کهڙو! متي جيجل جو هي حال ڏسي اسان مان کو وائون حرف ڪيي ٿو ته متس واجبوهيءَ جي تهمت ڌري ٿي وڃي."

"وديارٿي" اخبار ۾ ٢٨ مي واري پرچي ۾ هڪ مضمون ۾ لکي ٿو، "هند ڇاوا! توهن سمي هيٺن ويسلو ڪٿن ستو پيو آهين؟ نٽين سمي جي پره ٻاڪون ڪيدون آهن ۽ جڳ آڌار جي پڪار سڻي ساوي سرشٽي سومت لاهي اُلي کڙي ٿي آهي. ڏيهان ڏيه واڌايون وري ويئون آهن. ٻر هندستان ڪٿي؟ هندواسين جي ليٽن ڪري اڃا اڀالو آهي، تڏهن هند ڇاوا! اٿ، الي پهنجي ڀار!"

شري لعلچند سان گڏ، ان زماني ۾ جنهن ٻئي ليکڪ پهنجن مضمونن سان ماڻهن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيو،

ڇپيون، جن مان گهڻيون منشي پريمچند، سدرشن ۽ ٽئگور جون هيون. ۱۹۴۲ واري هلچل کان اڳ ڪافي سٺيون اصلوڪيون ڪهاڻيون ڇپيون، پر اهي سماجڪ ڪهاڻيون هيون، ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ قومي ڪهاڻي هئي.

پهرين پهرين ترجمو ڪيل قومي ڪهاڻي جا سڀهيم تي سا آهي ”بلوو“ جا سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي رسالي ۾ ۱۹۲۰ ۾ ڇپي هئي، جڏهن وقت ملڪ ۾ ستياگره شروع ٿيڻ لــي هو. هيءَ، بنگالي ليکڪا شريمتي گهوشال جي ڪهاڻيءَ جو آزاد ترجمو هئي، جا لعلچند امرڏنيمل ۽ آسانند جهانگيمل ڪئي هئي. هن ڪهاڻي جو موضوع ۱۸۵۷ واري بغاوت بابت آهي. اهـا قومي غيرت کي للڪاريندڙ نهايت دلڪش طنزي ڪهاڻــي آهي. اُن ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن نه ۱۸۵۷ ۾ ڏيهي سپاهين جـون ٻه ڌريون، انگريزي استريءَ جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ هڪٻئي ۾ لڙي پون ٿيون، جڏهنتي ليکڪا آخر ۾ چوي ٿي ته ڏيهي سپاهين جي ان وفاداريءَ لي ”خوشيءَ وچون ٻيهي ڪلان، ڪين ڏرد جون هنجون هاريان.“

هن ڪهاڻيءَ کي ۱۹۴۲-۱۹۴۷ واري دور جـي اصلوڪين ڪهاڻين سان ڀيٽبو ته ٻن زمانن جـو تفاوت نظر ايندو. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ان زماني جي جهلڪ ملي

۾ نوجوانن کي آزاديءَ لاءِ للڪاريل آهي- ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي "آزاديءَ جو سڏ" (١٩٤٧). ڪهڻ ۾ آزاديءَ لاءِ وڙندڙ هڪ جـو چٽو چٽيل آهي- ايسر ڪلياڻيءَ جي "عجيب هڪ" (١٩٤٧). ڪن ڪهاڻين ۾ انقلابين جي جيوت ڏيکاريل آهي- رام امرلعل جي "سرحد" ۽ ليکڪ آهوجا جي "پاڳل" (١٩٤٧). ڪن ڪهاڻين ۾ خلاصين جي بغاوت ۽ انگريزي دٻاءَ کـي جدا جدا پهلن کان روشني وڌل آهي- جڳن آنند جي "ڦڙڪ"، شيخ اياز جي "سفيد وحشي" ۽ رام امرلعل جي "ڇري" (١٩٤٧).

مٿين ڪهاڻين کانسواءِ ٻيون خاص ذڪر ڪرڻ قابل قومي آکاڻيون جيڪي ليکڪائن جون لکيل هيون، سي آهن- چندرا آڏواڻيءَ جي "اٿ ڀارت جي سنتان"، ڀڳونتي ديالاڻيءَ جي "ڀارتي"، ڪرشنا کيولراماڻيءَ جي "ديش دروهي" ۽ ايشوري جوتواڻيءَ جي "اٿ ڀارت جي سنتان."

## ناول

آزاديءَ جي ڀڳ ۾ مضمونن ۽ ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ اصلوڪا قومي ناول ۽ ناٽڪ ڪي ڳاڻ ڳڻيا ڇپيا آهن. "آشيرواد" شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻيءَ جو ڀڙيون اصلوڪو ڪامياب قومي ناول آهي، جو ١٩٣٧ ۾ لکيو ويو. ان ۾ ١٩١٧ کان وٺي ١٩٣٢ واري زماني تائين جيڪي سوڌيشي ۽ اسهڪار جـون هلچلون هليون ۽ انهن ۾ جيڪو حصو ورتو ويو، تنهنجو حقيقي چٽو چٽيل

آهي. هيءَ ناول قومي جاڳرتا جي جيئري جاڳندي تصوير آهي. ان ۾ وڏوا وهاڻ جي پڻ حمايت ڪيل آهي. هن ناول جي ليکڪ به قومي هلچل ۾ ڀرو وٺڻ ڪري جيل پوڳيو هو.

ٻيو قومي ناول آهي ڳلي سدارنگاڻي جو "اتحاد" جو ١٩٤١ ۾ شايع ٿيو. ناول جي نالي مان ئي انجي وشيہ ظاهر آهي. اسانکي خبر آهي ته ڪيئن نہ ڳورن حاڪمن، هندو مسلم نفاق جو ٻج ڇٽي غلاميءَ جو گهانگهو مضبوط ڪيو هو. نيٺ اتحاد نہ هئڻ ڪري ديس پاڳا پاڳا ڪيو ويو. ناول ۾ ان اهم مسئلي جي اوک ڊوک ڪيل آهي ۽ انجو حل پڻ ڏنل آهي.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ناول "قيدي"، جو ١٩٤٣ ۾ ڇپيو، جيتوڻيڪ مکيہ طرح سماجڪ ناول آهي ته به ان ۾ آزاديءَ جي هلچل جي جهلڪ ملي ٿي، جنہن پڇاڙيءَ واري حصي ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪئن نہ ڪي نوجوان ڌارين کي ديش مان تڙي ڪڍڻ لاءِ دهشت پسند ڪارروايون ڪن ٿا، جن مان ڪو ڪڙ ٿيل ڪونہ تو نڪري ۽ انڪري هو هنسا ڇڏي اهنسا جي واٽ تا وٺن.

پروفيسر جو ١٩٤٦ ۾ شايع ٿيل ٻيو ناول "اسانجو گهر" سچوئي قومي آهي. ان ۾ تمثيلي روپہ ۾ هندستان جي آزاديءَ جو احساس ڏنل آهي تہ ڪيئن نہ ڌاريا اسان وٽ واپاري ٿي اچن ٿا پر پوءِ پنهنجو دڳو جمائي

حاڪم بڻجي وهن ٿا، جنڪي آخر اُنهن گول ڪرڻا پونٿا.

## ناٽڪ

سرڳواسي لعلچند جڳتياڻي پهريون ليکڪ هو، جنهن سنڌيءَ ۾ نئين قومي ناٽڪ جي شروعات ڪئي. هن ماڻهن ۾ قومي سجاڳي آڻڻ لاءِ، سوديشي جو ڀاو پيدا ڪرڻ لاءِ ٻه نئان ناٽڪ "هند جاوا جاڳ" (١٩١٩) ۽ "سوديشي" لکيا.

"هڪ جو شڪار" جديد سنڌي ناٽڪ نويسيءَ جي اَبي ڪي. سي. درياڻيءَ جو پهريون اصلوڪو قومي وڏو ناٽڪ آهي، جو ١٩٣٢ ۾ ڇپيو. ان ۾ سوديشي مشين واپرائڻ جي زوردار نموني ۾ حمايت ڪيل آهي. هي ناٽڪ آزاديءَ جي هلچل کي ڪافي هٿي ڏيندڙ هو.

ٻيو وڏو قومي ناٽڪ آهي "ديش ڀڳتي"، جو ١٩٣٧ ۾ ٿانوي آر. ايم. شرما ۽ رامچند ڪيولراماڻيءَ جو لکيل آهي. ان ۾ وديشي غلاميءَ لاءِ نفرت ۽ آزاديءَ لاءِ محبت ڏيکاريل آهي. ان سان گڏ سوديشي شين جي واهپي جي حمايت به ڪيل آهي.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ١٩٢٩ ۾ هڪ سنو قومي ناٽڪ "ايڪتا جو آلاپ" انگريزي ناٽڪ نويس ازرائل زانگول جي ناٽڪ "ميلٽنگ پاٽ" جي آڌار تي لکيو.

آزاديءَ جي اڳ ۾ نڪتل سماجڪ ناٽڪن جو انداز قومي ناٽڪن کان ڀيهوڙو آهي.

شعر

۱۹۰۵ ۾ بنگال جي ورهاڱي خلاف جا هلچل شروع ٿي، تنهن ساري هندستان ۾ سوديشي هلچل جي شروعات ڪئي. سنڌي شاعرن ان متعلق ڪافي شعر لکيا آهن. سرڳواسي لعلچند امرڏنومل شايد پهريون شاعر هو جنهن ۱۹۰۷ ۾ اهڙو نظم لکيو. چوي ٿو:-

۱- اَن گيهه هوندي اگهه ٻه ٽڙا ٿيا، پيٽ پنهنجي ڏي وٺا لڙي،
ڪجهه وڃي ٿو مال ولائت، ٻي ڏيل ڏيڻ آ هٿي ڳري.
۲- چوڙيون ماٽيون چاهه چڱي مان، ويو اسانجو جوهر ٽري،
گهر اندر جو ڪاٽ لڳي پيو، خبر نه تنهنجي لهون ڪري.
۳- سائين سڀاڻي اڇو ڪٺون سنهو، شيءِ ورتايون ديسي وري،
ملڪ چئي پوءِ مونٿو ٿيندو، ڏين اڏين جي پت پري.

ٽئين شاعريءَ جي بانيءَ ڪوي بيوس نه للڪاريو:-

۱- واهه منهنجي ورت ڏاريو آهه ڏارئي مال جو،
ملڪ جو جاٽي منو ڪارو خوشيءَ سان ڪائبو.
۲- پل هجي سادو ٿلهو، پل لاڪ جي لوئي هجي،
ديس پنهنجي جو ڪتو ڪهرو خوشيءَ سان پائبو.

هڙن شعرن مان سوديشي هلچل جي چٽي تصوير ملي ٿي. اهڙا ڪيترا شعر سرگسن ۽ ميڙن ۾ ڳايا ويندا هئا، جن سوديشي هلچل کي وڏي هٿي ڏني.

سوديشي هلچل وڏي جڏهن سامراج وروڌي هلچل ٿي تڏهن ملڪ ۾ انگريزن جي غلاميءَ خلاف سخت نفرت ڦهلجڻ لڳي. اسهڪار هلچلن جي ڏم ۾ هي وڌي.

جسا ڌارين ڪي ديس مان ڪڍڻ جو مڪمل ارادو
ڪيو، جنهنجو اپيوس هيٺين نو اظهار ڪري ٿو:-
"پهڻ سهندو پٽيون ليندو غلاميءَ ۾ نه گهاريندو،
ڌنو جنهنکي نمدي هوندي امڻ آزاد اوڙاٺو."
"مردن جو مان قيد يا آزادگي ۾ آهه
عزيز جيو، جيئري چونٿا موت غلاميءَ کان مرا ڇي."
حيدربخش جتوئيءَ وري طنزي نوع ۾ انهن هندستانين
جي پٽ وائکي ڪئي، جنکي ڌارين حاڪمن لاءِ سڪ
هئي پر پنهنجن هموطنين لاءِ پيار ڪي آهي. شاعر چويٿو:
"جاهل آهن اهي انگريز کي جي ڪن دشمن
پاڳل آهن جي نه ٿا پنهنجو وطن لنڊن ڪن
هنديئو! جلد حوالي ڪيو تن تن من ڌن
جن ڪيو بند هر آواز آ آزاديءَ قوم
"ڪي ڪرڻ گهرجي ته انگريزجي خوشنودي لئي
ڪي مرڻ گهرجي نه انگريز جي بهبوديءَ لئي
ڪي جيئڻ گهرجي نه بس ديس جي نابوديءَ لئي
خوار زار آهه، نه اعزاز آ آزاديءَ قوم."
هي طنزي شعر اڄ به نت نئون آهي ڇو جو اڄ به
اسان وٽ اهڙن شخص جي کوٽ ڪانهي، جيڪي
انگريزي غلاميءَ واري حڪومت جي ساراه مان پاپندا
ني ڪرنهن.
اسانجي شاعرن نه رڳو انگريزي غلاميءَ خلاف
نفرت پيدا ڪئي، پر ڌاري حڪومت خلاف لڙڻ لاءِ

اُتساهه ۽ اُمنگ، قوت ۽ قرباني جو جذبو به پيدا ڪيو، جيڪي هيٺين شعرن مان ظاهر آهي:-

”اهي مائر پلي مرڪن جي ٻاروڻن ۾ لولي ڏين
ته صدقي ديش تان تن من ڪرڻ جهڙي نه ٻي خدمت
جگر پنهنجا ڪڍي ڏينديون، منو اولاد موڪينديون
اهائي ٻاس ٻاسينديون ته رهجي ملڪ جي عظمت.“ (بيوس)

”دشوار نه ٿيو ديس لءِ سر پنهنجو وڃائڻ
هڪ سر ڇا، هجن سؤ ته ڪپڻ خوش ٿي ڪپائڻ
مان خون سان رنگين ڪندس ديس جي ڌرتي
ٿيو فرض وطن ساڻ مري نيهن نڀائڻ
ڀارت جي فدائن کي هي هٿيار ڪندا ڇا
توبن کان عبث آهه جگر لعجو ڏڪائڻ.“ (عزيز)

”مٿي هن ملڪ تان صدقي ڪري نا پران جو پنهنجو
جڳي جو ديڻ! سو جڳ ۾؟ اهو ڪيڙو ڀلارو آهه؟“ (دين محمد)

”ڪاٿي ٿا حق اچن ڏڙڪن ۽ ڪوڪارن سان
ڪاٿي ٿا ملڪ ملن منٿن ۽ نيزارن سان
جي ملن ٿا نه هٿن ساڻ ۽ ڪجهه ڪارن سان
جي رهن ٿا نه سرن سان ۽ تلوارن سان.“

”نوڪرون ڪاٿي ۽ شب روز نه ٻي مان ٿي مرو
گهر کي بستر کي ڇڏي ديس تي قربان ٿي مرو.“ (جتوئي)

”لاش منهنجو شل ڪجي آزاد هندستان ۾
لٿي مرڻ منهنجو نه شل ناشاد هندستان ۾.“ (ڏکايل)

اسانجي آزاديءَ جي هلچل جي اڳيان هندو-مسلم نفاق هڪ هماليه جيڏي رنڊڪ هئي، جنهنجو فائدو

اڄ به اسانجا فرقيپرست شخص ۽ ڌاريا ولي رهيا آهن، انهن کي دور ڪرڻ لاءِ اسانجي شاعرن ويهن تهن جو زور لڳايو. ڪنهن اهو نفاق ڏسي جهڙي نير وهايو، ڪنهن دردلي دانهون ڪيون، ڪنهن ڦٽڪاريو، ڪنهن انسانيت جو واسطو وڌو ته ڪنهن اتحاد لاءِ استدعا ڪئي. هتي جي اهڙن شعرن مان هيٺ جنس طور ڪي بند پيش ڪريان ٿو:-

١- ساز هنديءَ ۾ سرن جي به ملاوت نه رهي،
موج ميخانا جي ۽ راڳ جي راحت نه رهي،
ڪاٿي اتفاق ۽ اتحاد جي عادت نه رهي،
يڪ زبانيءَ جي زبردست سا طاقت نه رهي،
هرڪو پنهنجي ۾ "بيوس" ٿو نيارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هند مٿان ڌنڌ ٿو ڪارو ڏسجي. (بيوس)

٢- تفرقي ملڪ جي بيڙي کي نگونسار ڪيو
هي وڏي پاڙکي ڀارت جي پٽڻ خوار ڪيو
... ... ... ...
قوم جو حال اهو ملڪ ويو رهجي غلام
فرقه بندي ڪان ٿيو ديس سڄوئي بدنام
ملڪ آزاد اڃا ٿاهه نه پاڳا ٿا لين
قوم ڪش ڪيئن نه لڙي پاڻ ڌاڳا ٿا لين. (عزيز)

٣- جيڪڏهن هند مٿي آهه نه آزاده ڪمر
چاهي، چاليهه ڪروڙن جو آ مردن جو ٻيڙ
هاءِ! اڄ ڪوئي مسيحا ٿي گهمائي هٿ ٻيڙ

جو جياري مٽن ڪي، ڪيڏي سڀ وير ۽ مير
جنهنجي ٻيرن جو نشان ناز آ آزاديءَ قوم. (جتوئي)

۴- هندو ۽ مسلمان جو دل تان اڪر پساريو
اغيار جي چوڻ تي پنهنجو نه پاڻ ماريو
هن مادر وطن ۾ اڄ پاءُ ٿي گذاريو
پئي شوق ساڻ گڏجي اڄ ديس کي سڌاريو
ايڪو هزار نعمت ايڪو عجب ٻارو
ڀارت زمين تي هڪ سرڳ جو نظارو. (عبدالڪريم گدائي)

جئن جئن وقت گذرندو ويو تئن تئن اسانجي آزاديءَ جي هلچل تيز ٿيندي ويئي. مقصد چٽو ۽ شعور پختو ٿيندو ويو. نوان نوان شاعر نڪري نروار ٿيا. هننجي شعرن ۾ بغاوت ۽ انقلاب جو جذبو ڪنا تار ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ اهي ڪيترن هنڌ آزاديءَ جو وڏ ڦڪ چٽو تصور پيش ڪن ٿا! انهن مان ڪن جي شعرن مان ڪي بند هيٺ ڏيان ٿو:-

۱- ڦوڪ هڪ ساڻ فنا ظالم ٿئي،
دل اندر تيز سو طوفان ڪپي.
ملڪ لئه مرڪندي مرندا مانجهي،
اهڙو نشڪام ٻليدان ڪپي.
ڪونڌر ڪيڏا ٻه هجن، پيا ٻه ڪپن
هر جڳهه جنگ جو ميدان ڪپي.
ڪاڏو پيتو آ غلامنءَ کي حرام
ديس پنهنجي ۾ هي اعلان ڪپي. (هري دلگير)

۲- جو ڪري پيدا صداي انقلاب
بس اهو نغمو ٿيڻ چاهيان ٿو مان
ويڄ جي در جو ٿيان محتاج ڇو
خود مسيحائي ڪرڻ چاهيان ٿو مان
جي بغاوت آهي حق جي لئه لڙڻ
هڪ وڏو باغي ٿيڻ چاهيان ٿو مان. (پرسرام ضيا)

۳- صدين کان جو بيٺو آهيو تنهن کي هاڻ بگاڙ
بگڙي پئه پنهنجي بگڙيءَ جو عيوض پاڻ اڳاڙ
حق پلئه آ تنهنجي ساقي
باغي! ٻي ڇا جي غمناڪي
دور ڪرين آزار نه ڇڏ ڪو زوراور زردار. (ڪيئلداس فاني)

۴- صحرا ۾ هجون يا هجون دريا جي ڪپ تي
چا بزم ۾ چا رزم ۾ جنهن هنڌ گذاريون
تنهنجوئي هجي پيارو متو نانءُ چپن تي،
دشمن سان سدا صلح جي وائي نه واريون!
ان ڏينهن نه دنيا ۾ رهي جسم اسانجو
جو تنهنجو ڪسڻ واري اڳيان ڪنڌ نوايون.
دشمن جو رهڻ ئي نه ڏيون نانءُ نشان ڪو،
ءَ تنهنجي اچائڻ ليءِ ڪلي ڪنڌ ڪپايون. (نارائڻ شيام)

۵- انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
جڳن زمين آسمان
جي ڪلي ٿئي زبان
شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ

ڪڙڪ ڪڙڪ، چوڌڪ چوڌڪ
جنهن ڏني آئي جواب، انقلاب
انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
ڏوڙ هن سماج کي
لوڙ سامراج کي
ناهه پيو ٿيون نظام
جو چگو، چئي عوام
هي نظام آ خراب، انقلاب
انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ. (شيخ اياز)
٦- ڪين اهڙو ڪڏهن به شاهه ٿجي
جو پيا پالي پاڻ پاهه ٿجي!
مري لڙي جي نه ٿين لڙي آزاد
جي غلاميءَ ۾ جو تباهه ٿجي!
زور سان انقلابي نعرو هڻ
جو دبجي موت جو گواهه ٿجي! (ارجن شاد)
شيخ اياز جي انقلابي شعرن ۾ گيتن جيڪا انوقت گونج مچائي هئي، سا هاڻ نه ونسرڻ جي ناهي. اڄ به ماضيءَ کي ياد ڪندي زبان مان ازخود هنجي گيت جون سٽون نڪري وڃن:-
”او باغي، او ديش دروهي
يارت ۾ بلوي جا باني.“
مٿي ڏنل شاعرن کانسواءِ بين شاعرن، جن پنهنجين رچنائن سان قومي شعر جو خزانو ڀريو آهي، سي آهن-

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌيت

سنڌي ساهت تي ترقي پسند ڌارا ڪانپوءِ، جنهن ٻيءَ ڌارا وڏو اثر ڪيو آهي، سا آهي سنڌيت جي ڌارا. اها ڌارا، ورهاڱي وقت کان شروع ٿي هئي، پر پنهنجو وراٽ روپ ورهاڱي ڪانپوءِ ئي ڏيکاريو اٿس، جيڪو حالتن مطابق آهستي آهستي صاف ۽ دلڪش ٿيندو ويو آهي.

هيءَ سنڌيت جي ڌارا، سنڌ ۽ سنڌي جاتي (نئشنلٽي) جي هستيءَ کي قائم رکڻ ۽ اوج ڏيڻ جي ڌارا آهي. ان ڌارا جو بنياد ان ويچار تي آهي ته سنڌي پنهنجي زمين، اتهاس، پرمپرا، ڀاشا، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي ناتي هڪ جدا جاتي آهي. ورهاڱي جي ڪري اڄ اها جاتي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ سنڌ ۾ ٻيو هند ۾. ٻنهي حصن جي ليکڪن پنهنجي روءِ سوءِ ٻن، ته هڪ ٻئي کان متاثر ٿي به، سنڌي ساهت جي لڳ ڀڳ هر ڪنهن شاخ ۾ سنڌيت جي ڌارا پيش ڪئي آهي، ڪنهن ۾ گهٽ ته ڪنهن ۾ وڌ. ٻنهي حصن جي ليکڪن سنڌ، سنڌي ٻوليءَ، ساهت، سنسڪرتيءَ جي حق ۾ قلم هلايو آهي ۽ صحيح ۽

سچي الهاس ۽ سٺي پرمپرا سان ناتو جوڙڻ تي زور ڏنو آهي. هندن ٻنهي، ڌارين جاتين ۽ سرڪارين جي سنڌي جاتيءَ کي ختم ڪرڻ يا نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش جو مقابلو ڪيو آهي.

ڀارت جي سنڌي ليکڪن سنڌ ۽ اتان جي سنڌين سان پنهنجا ناتا جوڙڻ ۽ وڌائڻ تي زور ڏيڻ سان گڏوگڏ، هتي پنهنجي لاءِ هڪ الڳ ڏکر جي تقاضا پڻ ڪئي آهي. انڪري ٻنهي پاسن جي سنڌي ليکڪن جي ساهت ۾ سنڌيت جون ڪيترئون ساڳيون خصوصيتون به آهن ته ڪي نراليون خصوصيتون به آهن. ليڪن پوءِ به سندن اديش هڪ ئي آهي - سنڌي جاتيءَ کي زنده رکڻ ۽ اوچ ڏيڻ. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته سنڌي ساهتڪار پنهنجي ان اديش ۾ ڪافي سوڀارا ٿيا آهن، جيتوڻيڪ جاتيءَ کي ختم ٿيڻ جي خطري کان اڃا سو سيڪڙو بچائي نه سگهيا آهن.

ساهت جي جدا جدا شاخن - ڪوتا، ڪهاڻي، ناول ناٽڪ ۽ مضمون - مان گهڻي ۾ گهڻو اثر سنڌيت جي ڌارا جو، سنڌي ڪوتا تي ٿيو آهي. ان شاخ تي ان ڌارا سان ڀرپور ساهت ايترو ته اڻاهه نڪتل آهي جو ان سان انصاف ڪرڻ لاءِ هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. ان ڪري هن ليک ۾ ٻاڻ کي فقط سنڌي ڪهاڻيءَ جي شاخ تائين ئي محدود رکڻو ٿو پوي.

سنڌي ساهت ۾ هن دؤر کي پيش ڪرڻ جو شرف ٻن ترقي پسند ليکڪن کي ئي آهي. ورهاڱي جي ڳالهين شروع ٿيڻ سان ئي فسادن جي ڊپ (جو صحيح ثابت ٿيو) ڪري سنڌين جي دلين ۾ ورهاڱو شروع ٿيڻ لڳو ۽ سنڌي هندو لڏ پلاڻ ڪرڻ لڳا. ان وقت شيخ اياز پنهنجي ڪهاڻي "پناهگيري" (جون ١٩٤٧) ۾ ان وڇوڙي کي ڪٿي "سنڌ، سنڌين لاءِ" خيال پيش ڪيو آهي. هڪ ڪردار واڻان چوائي ٿو، "سنڌ، سنڌين جي آهي. اڄ اسان سنڌين جي قوميت ۽ علحدي شخصيت خطري ۾ آهي. هي پنجابي، بهاري، گجراتي، اسانجي تهذيب، ٻولي، واپار، زمين کي ڳرڪائڻ ٿا چاهين. اسانجو فرض آهي ته ان وڌندڙ وبا کي اڳتي وڌڻ نه ڏيون. هن ئي ڪهاڻيءَ ۾ اياز "جئي هند" جي نعري جي طرز تي "جئي سنڌ" جو نعرو ڪم آندو آهي، جيڪو نعرو ان وقت ته مقبول نه ٿيو، پر اڄ سنڌ ۾ اهو "جيئي سنڌ" نعرو پڪڙيو، ڏاڍو لوڪ پيارو ٿيو آهي.

ڀارت ۾ ان دؤر جي ٻي ڪهاڻي آنند گولاڻي جي لکيل "گامڙو" آهي، جا 'نئين دنيا' ۾ نومبر ١٩٤٩ ۾ ڇپي هئي. ڪهاڻيءَ جي نائڪ کي، گجرات جي ڪاليج جي اسٽيج ۾ ناچ گيت جي پروگرام کي ڏسندي، سنڌ جي پنهنجي گامڙي ڳوٺڙي جي ياد ٿي اچي ته

ڪھڙائي چوڪريءَ کي چوائڻو، ”ڏسندي ڏسندي ٻاهرجي ڳوٺ جو چڪر ڏيئي آيس جتي ڪو ٻليائڪ جو سالـي جوڙو جي ٻوڪـ واري ٻاهرين ٿي ٿي سڌي وھيو ھو ۽ مونکي اڄ دوست! ھي جوڙو جا ڳڻا وسري ويئي، مٿا سنڌ ڪمند جهڙا ڳڻا توکي ٻئي ھند ڪٿي ملندا؟...“ ڏاڍڪ کي ان تي افسوس ٿو لڳي ته سندس ٻولن کان شايد سندس ڳوٺ وسري وڃي. البت سندس دل ۾ سنڌ موٽڻ جي آس لڳل آهي، جو چوائڻو، ”اسان ته ٻاڳو ديري موٽي ويندا سين.“

آنند جي ٻي ڪهاڻي آهي ”سنڌڙيءَ جا شل ڳوٺ وسن.“ (١٩٥١) جنهن ۾ وري سنڌي مسلمان ڪردار ڏيکاريو آهس جو ڪراچيءَ مان ڪاليج جي موڪلن ۾ ڳوٺ ٿو اچي، ته اتان هندن کي ٻاهر ۽ وال ڏسي دکي ٿو ٿئي. ليکڪ اُنهي واتان چوائيڻو، ”تون سنڌڙيءَ جا ڳوٺ ڦٽائي ڇو وئين... تون مونکان ٻڇي وئين. اِئي ٿنهنجا سڳا ڀاڱر وئنا آهن ته، جي توکي مال ملـيندا ڪارائيندا، مڪلان ۾ رهائيندا؟ تـوکي سنڌ ولديءَ جي ماٺري چانڊوڪي جو حق ڪهڙو هو؟... سنڌ ولديءَ ۾ هاڻي اهو چرخ نه آهي، اها سونهن نه آهي، اها ڪلڙاري نه آهي... تون نه ايندين؟ ڀلي نه اچ. اچا ٻ، توکي مونکي ڪهڙو ڪجهه سهڻو آهي؟ جنڪ، لـڳڻي آهي ته؟... ٻوءِ هڪ ٻئي کي خيام ڪندا سين؟ ... هند ٻاڪ جنڪـ،

ٽون ۽ مسلمان، ٻئي ملڪن جا عام ماڻهو روڪيندا."
ليکڪ ٻاڙيءَ ۾ ٻڌايو آهي ته ان ڪردار کي ڪ
آهي ته سنڌڙيءَ جا ڳوٺ وري وسندا... دلين مان
خرابي ڏواڄي ويندي.

هند پاڪ جنگ، ته ٽيون وارو خيال سنڌ وري
اُڀرندڙ ٻهندجي ڪهاڻيءَ "مٽا" (١٩٥٢) ۾ ڏنو
آهي ۽ ٻڌايو آهي ته ڪيئن ته فسادن وقت سنڌي
مسلمان، هندن جي جان بچائي هئي.

١٩٥٢ ۾ لاڙڪاڻو پارٽيءَ ۾ آڪاڻيون لکيون "ڪليم"
۽ "دستاويز". ٻنهي ۾ سنڌ ۽ سنڌي مسلمانن جي ياد
جو جذبو ڏيکاريل آهي. "ڪليم" ڪهاڻيءَ جو ڪاڪو
سنڌي سنڌ لاءِ ڪليم وجهڻ لو چاهي. چوي ٿو، "سنڌ ته
اساڻجي رڳ، رڳ ۾ لي وئي. مان سنڌي، سنڌڙي
منهنجي آهي. مونکي حق آهي ته مان اُن تي ڪليم
لکي ڏيان... اسان ڪهڙو گناهه ڪيو آهي، جو اسانکي
سنڌ نه ملندي." ان جي جواب ۾ سنڌي ڪلارڪ
چوايس ٿو، "ها ڪاڪا، سنڌ واپس ضرور ملبو. سنڌ
اسانجي آهي، توهانجي آهي، هر سنڌيءَ جي آهي."

'دستاويز' ڪهاڻيءَ جو ڪاڪو وري منهنجي جاءِ
جي ڪليم لاءِ اڪري ته لسو زور ٻري جو اُن جاءِ ۾
سندس هاري ويٺل آهي ۽ مٿان اُنکي، پاڪ سرڪار
جڳهه نيلام ڪري، دراڊر ڪرائي.

ٻارنهن جي ٽين ڪهاڻي "سنڌي" (١٩٥٣) ۾ سنڌ جي ٻاڻ ۽ سنڌي مسلمانن جي تڙپ ٻابت آهي. جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن نه سنڌي مسلمان هندن کي ٻاهر ۾ سوکڙيون ڀيا موڪلين. ڪهاڻيءَ جو نائڪ چوي ٿو، "جي هو (سنڌي مسلمان) اُتي خوش ناهن ته ڇا اسين وري هتي ڪو راضي آهيون. اڄ ٿي پاڪستان هندستان جو نــاهه ٿي وڃي ته هيڪر سڀ ڳالهڪي راس ٿي وڃي ڳوٺ ۾ گذاريان. پنهنجا ڪهڙا ته ڀرا هجن، ٻر آهن ته پنهنجا نه! جيترو سنڌيءَ جو سنڌيءَ لاءِ هڏ ڪرڪندو اوترو ڪو مرهٽي يا پنجابيءَ جو سنڌيءَ لاءِ ٿورو ئي ڪرڪندو؟"

مدهولعل جي "ڏاڍي واليان" ڪهاڻي (١٩٥٠) ۾ لڏ پلاڻ جي وقت سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي وڇوڙي جو چٽو چٽيل آهي ته ڪيئن هندو مجبور ٿي سنڌ ڇڏين ٿا ۽ سنڌي مسلمان دوست ڪين ڪيترو نه رهي ٻوڙ لاءِ زور ڀرين ٿا. هڪ مسلمان دائي، ته هندن کي چوي ٿي، "ڙي ڇوريا ٿيا آهيو ڇا؟ اسان کي ڇڏي وڃو ٿا؟ بس.. آخر ته به ته واٽيا آهيو نه!" ۽ هندو سوچي ٿو، "هون، هو به ٻرابر واٽيو... زندگيءَ ۾ هتي هميشه ڏاڍ ڪيو هو... ۽ اڄ هو پنهنجي وطن مان ڏاڍ ڪري رهيا هئا."

سنڌي هندن ته ٻرابر وطن ترڪ ڪري ڏاڍ ڪيو، پر سنڌي مسلمانن به پنهنجو وطن وڃڻ ڇڏيو ۽ مفت

پوءِ انهن ۱۹۴۸ع ۾ ڪراچي ورتائون، جيڪا سنڌ کان جدا ڪئي وئي. پوءِ سنڌ ورتائون، جنهن جو نالو لبنان ۽ القشو ميسارجي واسو، جڏهن ڊسمبر ۱۹۵۴ع ۾ ون يونٽ (پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحدي پرڳڻي جي هڪ ئي حڪومت) ٺاهيو. انگريزن ان ڳالهه ڪالسراء شخص کي ڇڏي ان پٺڪو، ڪوڙ، ڪچهو ۽ بندوق جي گولي ڏني، سنڌ ۽ سنڌيت کي وسري ويا. وري به شڪر آهي جو سنڌ جي ساهتڪارن ۽ ليکڪن ڪڏهن ڪڏهن ون يونٽ خلاف ڳجها يا پڌرا ڌڪ هنيا هئي. ان وقت جي "هاري حقدار" "آواز-سنڌ" "وطن" هفتيوار اخبارون ماهي مهراڻ وغيره جا پرچا شاهد آهن. جن ۾ ڪوتائون، ڪهاڻيون، مضمون ۽ خط ڇپيا هئا. ان زماني ۾ ڪي شيخ اياز پنهنجون هيٺيون شاهڪار ڪوتائون ڇپيون هيون:-

(۱) ڏاهي پرڏاهي ٿيا، پرڏاهي ڏاهي!
آيا ڪهڙ ۾ اوپرا، ٺڪري ويا ليهي،
پراوا پيهي، والاري ويا سنڌڙي.

(۲) جاڳ، پراڻي ڪهرت، سنڌڙي کي ٽوڪي سڏي،
مرن پٺيون مارئيون، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ ٿه ٿهڪي اوٽ، ڏاين کي ڏاري ڇڏيون.

(۳) جيڪون ٿهڪي جند ساهه، مرون ٽوسان ماڪ،
ڳوڙها ڳاڙ ۽ سنڌڙي، وري وولدو واڪ،

جڙڪن ٻٽن جملن ۾ ٻڌون، ان ۾ آهي ڳالھ،
اون ۽ لون ۾ مذهب لڳاءِ، سڀ ڪي آسانيءَ جو.

ان وقت سنڌ ۾ سنڌيت وارن ڪوتائون نه ڪهاڻيون لکيون ويئون ٻه ڪهاڻيون تمام ٿورڙيون لکيون ويئون. جن مان مکيه آهن- سڄاڳ سنڌيءَ جي لکيل "استاد ٻاجهه بادشاھ" ۽ جمال رند جي "واريءَ سنڌ ڪوٽ". ٻئي طنزي آهن. ٻنهي ۾ ون يونٽ ۾ آيل طرفدارن تي ڪڙي چوٽ هنئل آهي. البت ٻهراڻ ۾ طنز گهٽ ۽ ڪهاڻي گهڻ آهي. ٻوڪين ۾ ته ون يونٽ جي نتيجي جي اڳڪٿي به ڪيل آهي، جا اڄ سچي ثابت ٿي آهي.

ان وقت جميل هڪ ٻين آڪاٽي "يوسف جي خريدارن ۾" به ذڪر قابل آهي، جيڪا صادق انصاريءَ لکي هئي. ان ۾ وري سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي ڪري تسليم ڪرائڻ جي حمايت ڪيل آهي.

وقت گذرندي سنڌ ۾ ون يونٽ ۽ ٻيو ١٩٥٨ ۾ مارشل لا قائم ٿيڻ ڪري، پاڪستان جي سنڌين جون جيڪي سنڌ مرڻ جون اميدون هيون سي خاڪ ٿي ويئون. ٻلڪ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جا سنڌيت پيش ڪرڻ جي لهر هئي آئي هئي، سا به لهي ويئي ۽ ١٣، ١٥ سالن ۾ ٤، ٥ ڪهاڻيون ڇپيون. ليڪن ان ساڳئي عرصي ۾ پاڪستان جي سنڌي ڪرتا، سنڌ ۾ ڦهل سنڌيت واريءَ ڪرتا

(خاص ڪري آباز جي ڪوتا ڪان) ڪان اُساهت ۾ چڱو جلوو ڏيکاريو.

اُن دور (مارچ ١٩٥٣ ڪان ٩٦٦ تائيـن) ۾ ڀارت جي سنڌي ليکڪن جون سنڌيـت جي ڌارا واريون جيڪي ڪهاڻيون ڇپيون سي هيون - ڪلا پرڪاش جي "خاندان"، اُتم جي "انساني جذبو"، موتي پرڪاش جي "رحمون موالي" (ٽيٽي ١٩٥٦ ۾) آنند گولاڻي جي "سنڌو" (١٩٥٨)، سندري اُتمچنداڻي جي "سنڌوءَ جو روپ" (١٩٦١)، ڪرشن کٽواڻي جون ۽ "مان راجـا" ۽ "سـائيـن" (١٩٦١) ۽ "آشا" (١٩٦٢)، رام پنجواڻيءَ جي "محمد ٽانگي وارو" (١٩٦٣)، گوردن ڀارتيءَ جي "پنهنجو پرائو" (١٩٦٦).

هي سڀ ڪهاڻيون نرالي نموني ۾ لکيل آهن ۽ سنڌيت جي الڳ الڳ سيني خصوصيتن - سنڌ ۽ سنڌي مسلمانن، سنڌي ٻولي ۽ ساهت، سنسڪرتي ۽ جاتيءَ لاءِ سڪ ۽ ڀارت ۾ الڳ زمين نڪر هجڻ جي تمنا - جي جهلڪ پسائين ٿيون.

ڪلا جي ڪهاڻي ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي چيزن جي ياد ۽ سڪ جي اظهار جو واهڻ هڪ ننڍيو ٻار آهي، جيڪو احمدآباد ۾ ماءُ کان ٻدل "خاندان" گوٺ جون پياريون چيزون طلبي ٿو.

اُتم جي ڪهاڻي سميڪت مهاراشٽرا جي هلچل

جي پس منظر ۾ لکيل آهي، جيڪو هڪ سنڌي ڪردار ۾ سنڌي ساهت، ڪلچر ۽ سنڌ لاءِ سڪ جو جذبو اُڀاري ٿو.

موتيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ رحمون مواليءَ جو مسلم ڪردار پيش ڪيل آهي، جو هندو مالڪ جي لڏي وڃڻ تي پنهنجو پاڻ کي ڳوٺ کان جلاوطن ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڀارت ۾ مالڪن جي سقيم حالت ٻڌي ڪين پئسن جي مدد ٿو ڪري.

آنند جي ڪهاڻي آفيس جي ٻن ملازم ڇوڪرين گوداوري (سنڌڻ) ۽ سنڌو (مرهٽياڻي) جي گفتگو معرفت سنڌ ۽ سنڌو نديءَ جي ياد تازي ڪرائي ٿي ۽ انهن لاءِ سڪ پيدا ڪري ٿي.

سندريءَ جي ڪهاڻي سنڌي گهرن ۾ سنڌيت جو وايو منڊل قائم ڪرڻ (مثلا ڪانوينٽ بدران سنڌي اسڪول ۾ پڙهائڻ، ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ شاهه ۽ ساميءَ جي ڪلام ۽ سنڌي سنگيت لاءِ قرب ڏيکارڻ) تي زور ڏنل آهي.

ڪرشن جي "مان راجا" ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن ته هڪ شاهوڪار سنڌيءَ جي دل ۾ سنڌيت جو سمهيل جذبو بيدار ٿئي ٿو. "آشا" ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ان ڪردار جو چتر چٽيل آهي، جيڪو سنڌي ساهت ٻوليءَ ۽ سنسڪرتيءَ جي بچاءَ لاءِ جنگ جي ميدان ۾

ڪڙو آهي ۽ پڇاڙيءَ تائين آشاوادي رهي ٿو. ”سائين“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪرشن، ڀارت جي سنڌين لاءِ الڳ زمين جي ٽڪر جو سوال ڪيو آهي، جنهن سنڌي دڪاندار (جن جا جميل دڪان ٻهرايا ويندا) ۾ محسوس ڪندا.

پنجواڻيءَ جي ڪهاڻي هڪ سنڌي مسلمان ”محمد“ جي فسادن وقت ڏيکاريل انسانيت جي تصوير آهي.

گورڌن جي ڪهاڻيءَ ۾ ورهاڱي سبب هندن جي لڏپلاڻ بعد سنڌ جي هڪ ڳوٺ جو چٽر پيش ڪيل آهي. ۽ اشاري ۾ اهو خيال ڏنل آهي ته وقت اهڙو جڏهن ورهاڱو نه قائم رهندو.

مٿين ڪهاڻين کان سواءِ ٻه ڪهاڻيون سنڌ جي ليکڪن جون به ڀارت ۾ ڇپيون هيون، جيڪي آهن: نثار بزمي جي ”گوبند ماڻ“ (۱۹٦۱) ۽ محمد دائود بلوچ جي ”سنتا اُتي جاڳ“ (۱۹٦۳). پهرينءَ ۾ ليکڪ هڪ هندو عورت گوبند ماڻ جو ڪردار پيش ڪيو آهي، جنهن جو پٽ سنڌ ڇڏي ٿو وڃي پر پاڻ وطن ڇڏڻ کان انڪاري ٿي وڃي. بلوچ وري فنٽسيءَ جي عبارت ۾ پاڪستان جي مارشل لا تي زبردست چوٽ ڪئي آهي ۽ ڀارت جي لوڪشاهي سرشتي جي ساراهه ڪئي آهي.

سنڌ ۾ ون يونٽ ۽ مارشل لا جي ڪري جتي سرڪار سنڌيت جي هلچل کي دٻائڻ ڪ هيو اتي سنڌي

ساهتڪارن سنڌيت لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ خوب
ڪوشش ڪئي ۽ رچنائون لکيون. سنڌيت جي هلچل
۾ وڌڻ لڳي. اُن ڪي ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ جي
تسليميءَ واريءَ هلچل مان ۾ اتساهه ملڻ لڳو. اياز جي
ڪوتائن جو مجموعو "ڀنور ڀري آڪاس"، ١٩٦٢ ۾
ڇپيو ته اُن خلاف ڪٽر پنٿين طوفان کڙو ڪيو، جنهن
سنڌيت جي پريمين کي چست بڻايو. ١٩٦٣ جي آخر
۾ اَياز ۽ رشيد ڀٽي ڀارت ۾ سنڌي ليکڪن سان ملڻ
آيا ۽ ١٩٦٤ ۾ وري اُتم ۽ سندري، سنڌ ۾ ليکڪن
سان ملڻ آيا. انهن ٻنهي طرف سنڌين جي هلچل کي
هٿي ملي ۽ جنهن تي ١٩٦٦ جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌي
ٻوليءَ جي تسليميءَ جو هند سرڪار پاران اعلان ٿيو،
تنهن تي سنڌ جي هلچل تي ان جو زبردست اثر ٿيو.
٤ مارچ ١٩٦٧ تي جامشورو (حيدرآباد) وٽ
شاگردن طرفان سنڌيت جي حق ۾ زبردست مظاهرو
ٿيو. جنهن تي سرڪار لٺبازي، گوليبازي ڪئي ۽ سوين
گرفتاريون ڪيون. ان واقعي بابت ڪوين ۽ ڪهاڻي
نويسن تمام گهڻيون رچنائون لکيون. ڪيترا نوان
ليکڪ نکري نروار ٿيا.
پهرين ڪهاڻي هئي رسول بخش پليجي جي قلم
مان "وڻيو هٿين ته وڻيو" جنهن ۾ خوبصورتيءَ سان
ان واقعي جو چٽر چٽيل آهي. ان بعد منير احمد جي

"شيرو" ڪهاڻي سنڌي نئين دليا وٽ آئي، جا جون ١٩٦٧ ۾ ڇپي. اُن جو ناٽڪ "شيرو" ڪاليجي شاگردن کي سنڌي سنڌائڻ، سنڌيءَ ۾ قسم کڻڻ ۽ "جيئي سنڌ" جو نعرو ڪم آڻڻ جي ۽ سنڌيت جي حقن لاءِ لڙڻ لاءِ ڪنو ڪريٿو ۽ جيل وڃي ٿو. اُلوقت رشيد ڀٽيءَ جي "جيئي سنڌ" ڪهاڻي ب-- ڇپي، جيڪا اُن نعري ۽ ۽ تحرڪ جي حمايت ۽ اُن جي مخالفتين جي اوگهڙ لي ڪري. ڀٽيءَ جي ١٩٦٣ ۾ "خدن چرچو" آکاڻي ب ڇپي هئي، جنهن ۾ هند - پاڪ جي وڙهاڳي تي زبردست چوٽ ڪيل آهي.

اُئين سنڌيت جي ڪهاڻين جو هڪ سلسلو شروع ٿيو، جيڪو خاص ڪري روح رهاڻ ۾ ٻه سال جاري رهيو، جنهنڪري جنوري ١٩٦٩ ۾ روح رهاڻ تي بندش وڌي ويئي. روح رهاڻ ۽ ان ڪاپوءِ ٻين مخزنن ۾ جيڪي اهڙيون ڪهاڻيون ڇپيون آهن سي مکيه طرح ٻن قسمن جون آهن. هڪڙيون اُهي، جن ۾ ڌارين جي هر ڪنهن غلاميءَ لاءِ ڌڪار ۽ سنڌيت لاءِ پيار سمايل آهي. ٻين جو نوع ڪٿي علامتي ته ڪٿي طنزي آهي. مثلاً اَرباب سنڌيءَ جون "منصور هزار" "منهنجي ماءُ"، "مان سنڌي" ۽ "آءٌ اُنهنجي آهيان." پٽر سنڌيءَ جي "ٻڪر جي لڄ"، عبدالحق عالماڻيءَ جي "ٻر ٻاڙيءَ جي ٻهار"، محمد دائود بلوچ جي

"ڏائد"، شوڪت حسين جي "جيئڻي سنڌ"، عبدالقادر
جوڻيجو جي "اڇهاٽل مڇ ۽ اڏندڙ رڪ"، غلام مسرور
جي "جيئڻي سنڌ"، امر جليل جي "سچل سرمست
تربل ۾"، منير احمد جي "شاهه لطيف، رسو ۽
هٿڪڙيون" ۽ قمر شهباز جي "سوريءَ سڌ ڏيو" وغيره.
پيون اهي آهن، جن ۾ سنڌ جي لڏي ويل هندن لاءِ
سڪ جو اظهار ڪيل آهي. جهڙوڪ: شيخ عزيز جي
"مدجهيل ليڪون"، شوڪت حسين جي "آئيني سمان
سپنا" مدد علي سنڌيءَ جون "پڪا پکن سامنهڙا
اوري اڇي اڏ" ۽ "ويا گذري ڏينهڙا" ۽ امر جليل
جي "هوائي". گلزار احمد جي هڪ ڪهاڻي آهي
"سڪ سمهڻ نه ڏي" جنهن ۾ هانگ ڪانگ جي سنڌي
هندن جو سنڌ لاءِ سڪ ڏيکاريل آهي. جنهن "مان" ڪي هڪ
چٺو شيام چوي ٿو، "پيو ڪو نه ڪم ڪو نهي، رڳو
دعا ڪجي ته ڪڏهن پنهنجي وطن جو ديدار نصيب
ٿئي، جو هاڻي سڪ سمهڻ نٿي ڏئي."

هنن مان گهڻيون ڪهاڻيون لڳين دنيا جي ڇپايل
ڪتاب "جيئڻي سنڌ" ۾ به ڏنل آهن. اها خوشيءَ جي
ڳالهه آهي ته هنن مان ڪافي ڪهاڻيون نون ليکڪن
جون لکيل آهن، جنجي ٻولي به سليس ۽ سهڪ آهي.

سنڌ ۾ سنڌ پٽ جي هلچل جي زور وٺڻ سان،
سنڌي ڪهاڻيءَ به ترقي ڪئي آهي. ٻر هند ۾ سنڌي

ٻوليءَ جي تسليمي بعد لڳاتار هڪ ٻئي پٺيان جو
سميلن نہ ٿيا تہ نہ رڳو سنڌيت جي هلچل ٿڌي ٿي
ويئي، پر سنڌي ساهت (ڪهاڻيءَ جي شاخ سميت)
بہ پٺتي پئجي ويو. نومبر ١٩٧٠ واري الور سميلن کان
پوءِ وري هلچل تيز ٿيڻ لڳي آهي ۽ ساهت بہ ترقي
ڪرڻ لڳو آهي. ان کان پوءِ جو بنگلا ديش جو تحرڪ
شروع ٿيو آهي ۽ سنڌ ديش جي پرانتڪ خودمختياريءَ
بابت هلچل جون خبرون اچڻ لڳيون آهن، تہ انهيءَ
ڪري بہ ساهتڪارن جو ڪجهہ اُتساهہ وڌيو آهي ۽
سنڌيت لاءِ سڪ بہ وڌي آهي.

١٩٦٧ ڪانوٺي اڄ تائين ڀارت ۾ سنڌيت واريون
ڪهاڻيون گهٽيون نہ ڇپيون آهن، پر جيڪي ڇپيون
آهن، سي ڪافي اهميت واريون آهن ۽ اُن ڌارا جي
ڀرپور ترجماني ڪن ٿيون. انهن مان گهٽيون ڪهاڻيون
يعني چار سندري اُتمچنداڻيءَ جون لکيل آهن، جي
آهن - ”پڪي سُونهن پنهنجي“ ”معصوم اِلتجا“،
”جهڻ وارو“، ۽ ”ٽوجنين جي ٽاس“. اهي چار ئي
ڪهاڻيون سنڌيت جي وايو منڊل سان ٽمٽار آهن.
پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي تہ هرڪو سنڌي پنهنجي
سنڌي سماج سان ئي سُونهندو. ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي
زالن جي لاڏن، چرچن - گهٻن جي محفل جو چٽو چٽيل
آهي. ٻيءَ ۾ معصوم ٻالڪيءَ جي اِلتجا پيش ڪيل

# شاهہ، سچل ۽ سامي

## ليکڪ: اُتم

هر ڪنهن قوم کي پنهنجي پنهنجي روايت (پرمپرا) ٿئي ٿي. اُنجي نندڍي ٿيڻ کي پنهنجن بزرگن کان ڪن چيزن جو ورثو مليل ٿو، جنهنجي حفاظت ڪرڻ اُنجو هڪ مکيہ ۽ اول فرض آهي. نہ رڳو اُنجي حفاظت ڪرڻ، پر اُنکي نئين زماني جي روشنيءَ ۾ مدي خارج جزن کان آجو ڪري، اڳتي وڌڻ لاءِ نئين ٿيڻ کي پاڻ پتوڙڻو پوي ٿو. شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا، اسان سنڌين لاءِ هڪ اهڙوئي ورثو آهي.

شاهہ، سچل، سامي، اسانجي لوڪ پياري ڪلاسيڪل ڪوين جي نمونوليءَ آهي. اُنهن جي ڪوتا ۾ اهڙيون کهڙيون ڳالهيون آهن، جنجي ڪري اڄ سوين سالن کانپوءِ هنجو شعر (سڀ جو سڀ نہ) دلڪش ۽ دلچسپ لڳي ٿو ۽ اُنهن ۾ کهڙيون چيزون آهن جنکي چنڊي ڇاڻي اسانکي ڪٽي اڳتي وڌڻو آهي. اها اوکہ ڏوکہ ڪرڻ لاءِ، اسانکي نہ رڳو سنڌ ن ڪوتا ـ ساگر ۾ ٽبيون ڏيڻيون هڻت ڪرڻيون آهن، پر اتهاس ۾ جهاتي پائي، اُنهکي زماني جي سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسي

ڪٿ ڪرڻي پوندي ۽ ڏسڻو پوندو تہ هن زندگيءَ جي ڪهڙي ۽ ڪيتري ترجماني ڪئي آهي.

شاهہ (١٦٨٩ع کان ١٧٥٢ع)، سچل (١٧٣٩ کان ١٨٢٩) ۽ سامي (١٧٤٣ کان ١٨٥٠) جو زمانو جاگيرداري نظام وارو هو، جڏهن ملڪ ۾ ننڍن راجائن، جاگيردارن ۽ نوابن جو راڄ هلندو هو ۽ سنڌ ۾ پهرين ڪلهوڙن جي (١٦٥٧ع کان) ۽ پوءِ ٽالپرن جي (١٧٧٢ع کان) حڪومت هئي. اُنوقت هندستان ۾ ڪٿي مغلن جي، ڪٿي مرهٽن جي، ڪٿي سکن جي تہ ڪٿي راجپوتن جي حڪومت هئي. چوگرد لڙايون راڳا رچائي رهيون هيون. سنڌ کي نادرشاهہ، احمدشاهہ اَبداليءَ ۽ افغان بادشاهہ تيمورشاهہ جي ڪاهن جو جنسي قتلام سهڻو پيو. حاڪم شيل شڪار ۽ پنهنجيءَ ۾ ئي پورا هئا. عام ماڻهو ڀلن، ڏڪارن ۽ بيمارين ڪري ڏهڪايل هئا. مجال آهي جو ڪير ڪڇي سگهي!

جهڙيءَ طرح راجنيتي ۽ آرٿڪ ڪيترن ۾، اهڙيءَ طرح سماجي ڪيتر ۾ بہ جنسي ڇت لڳي پيئي هئي. چوگرد اوچ نيچ، ذات پات، ڇوت ڇات، مذهب نسل، رسم رواج ۽ ڪٽنب قبيلي جو ڀيد ڀاؤ ڦهليل هو. سماج ۾ ڪٽنب جي وڏي اهميت هئي. جنهن هن دنيا جو هلائيندڙ خدا يا ايشور ۽ حڪومت جو هلائيندڙ ايشور جو "مراي پت" يعني راجا، نواب يا جاگيردار سمجهو

ويندو هو، ليڪن ڪٽنب جو هلائيندڙ، انهو وڏو هو، جنهنڪري پنهنجن پالين تي ايترو ئي اختيار هو، جيترو هڪ راجا کي سندس رعيت تي هو. گهر جا ڀاتي گويا سندس ملڪيت هئا. هنجي آگيا ڪانسواءِ هو ڪو به ڪم ڪري نه سگهندا هئا. ايتري قدر جو ڪٽنب جي ڌيءُ يا پٽ جي شادي وڏي جي مرضيءَ ۽ منظوريءَ ڪانسواءِ ٿي نه سگهندي هئي. انڪري سياويڪ پيار جي آزادي نه هئي. مائٽن جي مرضيءَ ڪانسواءِ محبت ڪرڻ معنيٰ هئي هنجي قهر کي دعوت ڏيڻ.

اُن زماني ۾ ڌرم-مذهب جو ايترو زور هو، جو حاڪمن کي خود اُنجي اوٽ وٺڻي ٿي پيئي. عالمن ۽ پنڊتن جو اثر نه رڳو حڪومت تي هو، پر زندگيءَ جي هر کيتر - تعليم، تهذيب، قاعدن قانونن، انصاف وغيره تي به هنجو رعب ڇانيل هو. انڪري اُن دور ۾ جيڪي به اعتراض يا تقاضائون ڪيون وينديون هيون، تن کي به مجبور ٿي مذهبي رنگ ۾ پيش ڪرڻو پوندو هو.

دنيا جي اِتهاس جو اڀياس ڪندي معلوم ٿو ٿئي ته وچولي زماني (مڊل ايجز) ۾ نه رڳو هندستان ۾، پر ٻين ملڪن ۾ به حڪومت، مذهب يا جاگيردارن خلاف جيڪا وڏي ۾ وڏي هلچل هلي، سا هئي رهسياوادين (مسٽڪس) يعني صوفين ۽ سنت- ڪوين جي هلچل.

هجي يا سماجڪ هجي. هنن وٽ ذات پات جو فرق ڪونهي، ڪو به اوچ نيچ، غريب شاهوڪار، راجا رنڪ ڪافر مومن، اڇوت برهمڻ ڪونهي، سڀ هڪجهڙا انسان آهن.

هنن ڪوين پنهنجي ڪوتا ۾ ٻولي- پنڊتن ۽ مولوين جي ڏکي ٻوليءَ بدران عام جنتا جي سليس ۽ سنگيتمئہ ٻولي ڪم آندي آهــي. هنن ڪوين جي ڀڳت مرگي ڀارت جي جدا جدا پرانتن جــون ٻوليون لوڪ- پيارين بڻيون.

هندستان ۾ انهن صوفين ۽ سنت ڪوين جي هلچل ۱۵ صديءَ جي شروعات ۾ آرنڀ ٿي ۽ ۱۹ صدين تائ هلي. انجو اڳوان هو رامانند (۱۴۰۰ع کان ۱۴۷۰ع). هــو جيتوڻيڪ پاڻ برهمڻ ۽ سنسڪرت جو ودوان هو ته بــ پنهنجي سکيا ۽ ڪوتا، جنتا جي ٻوليءَ هندي ۾ ڇپائين. نه رڳو ايترو پر هن اوچ نيچ، ذات پــات، ڌرم مذهب جي ڀيد ڀاؤ جي زبردست مخالفت ڪئي. انڪري هنجا جيڪي ١٢ شش ٿيا سي جدا جدا جاتين ۽ مذهبن مـان هئا. ڪو ڪوري ڪبير هو ته ڪو ڪسان ڌنــو ڀڳت هو، ڪو چمار سنت روداس هـــو، ڪو نائـــي سينا ڀڳت هو ته ڪو راجا پيپا هو وغيره. رامانند پاڻ جيتوڻيڪ نرگڻ وادي (نراڪار ايشور کي مڃيندڙ) ۽ شنڪر آچاريہ

جي اُدئيت وادي (جيڪو ايشور ۽ انسان ۾ ڊئيت يعني ڀيد نه ڏسي) هو نه ته هن اهي واد ۽ وشواس پنهنجن ششن لئي نه مڙهيا. هو سهپ ۽ سهڄيون جو سروپ هو. ٺـوري ۾ هن کوين اسانجي ڀارت جـي سڀاهت ۽ سنسڪرتيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو، عام جنتا جـي دلين کي مرهم جو ڪم ڏنو ۽ ڪٽرپڻي ۽ ڀيد ڀاوَ کـي پريم ۽ وشالتا، عشق ۽ انسانيت جي ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

ان ٻاري ۾ گرديو ٺاڪور چوي ٿو، ”اسانجي اڄڪلهه جي مرڪب وسيع تهذيب (سنسڪرتي) کـي سنت کوين ئي جنم ڏنو، جن برهمڻ ڌرم جي تنگدل ۽ مسلم مذهب جي ڪٽرپڻي کان آجو ٿـي، هڪ اِنساني ڌرم اَپنايو هو.“ ساڳيءَ طرح ساڌو واسواڻيءَ پونـا ريڊيو اسٽيشن تان هڪ وياکيان ۾ چيو، ”اڪان انڪار ڪري نه سگهبو ته هي سنت ڪوي اتهاس جي هڪ آزمائشي دور مان لنگهيا. هندو مسلمان جي وچ ۾ هلندڙ سخت ڪشمڪش ٻنهي جاتين جي سماجڪ جيون لـي گهرو اثر ڪيو. اُن سماجڪ ڪشمڪش ۽ راڄنيتي مونجهاري وقت تهذيب ۽ وشواس جي هڪ نئين جاڳرتا جنم ورتو. ڪٻيرن، ڪورين، ڪاريگرن ۽ ٻين جن کـي هيٺتائين اڇوت سمجهيو ويو هو، تن آشا ۽ وشواس جـا نوان گيت ڳاتا.“

شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا کي، سندن زماني جي حالتن، جنهن جو مختصر ذڪر مٿي ڪيل آهي، جي روشنيءَ ۾ ڏسبو ته اُنجي اهميت ۾ اضافو نظر ايندو ته معنيٰ جا نوان موڙ به ملندا، زندگيءَ جي تنقيد ۽ زماني جي تصوير نظر ايندي ته سنديت لاءِ سڪ ۽ روايت پرستيءَ خلاف بغاوت جي جهلڪ به ملندي. البت ڪنهن ۾ گهٽ، ڪنهن ۾ وڌ. پر اهي سڀ حقيقتون اسانکي مادي نگاهه سان ئي ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪا ئي اسانکي پنهنجي صحيح ورثي کي سمجهڻ ۽ سنڀالڻ ۾ سهائتا ڪري ٿي.

ٽنهي ڪوين جو هڪ مکيه سنيهو آهي انساني ڀيد ڀاوَ کي مٽائڻ جو سنيهو. اهو ڀيد ڀاوَ جيڪو ڌرم مذهب، ذات پات، اوچ نيچ جي بنياد تي ٻيٺل آهي. هنن ٽنهي شاعرن اهو سنيهو پنهنجي پنهنجي ڍنگ ۾ ڏنو آهي. شاهه لطيف چوي ٿو:

نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
اُيا ائين چون ته پرين ڪجو پانهنجو.

هيءُ هڪ بيت ئي اُن مذهبي تنگدلي ۽ تعصب کي پرزا پرزا ڪيو ڇڏي، جنهن هندو مسلمان جي وچ ديوار کڙي ڪري رکي آهي ۽ عام ماڻهن کي نرڳن جي دڙڪن ۽ سرڳ جي سپنن سان ڀيلائي ڇڏيو آهي.

شاهه جي اهڙن باغي ٻولن کي لاءِ خيال ۾ رکندي مرحوم قليچ بيگ پنهنجي ليکڪ "شاهه صاحب عالم" ۾ لکيو ته شاهه "اهڙيون ٻوليون ٻڌايون آهن، جي ظاهري شريعت جي برخلاف آهن ۽ مست صوفين وانگي جيڪر مٿس ڪفر جو الزام اچي سگهي."

ساميءَ هندو مسلم ميلاپ کي خيال ۾ رکي چيو هو:

* ويد، پران، قرآن کي سيئي ۾ هڪ سوڙت
* فارسي ۽ هندي سنت چون ٿا ڳالهه هڪ
* پاوين اَنلحق، پاوين ٻولي رام رام
* سيئي مارگ مت ڳالهه ڪرن ٿا هڪڙي

هڪ هنڌ ته سامي، ملن مولوين جي مذهبي ڪٽرپڻي کي ٽوڪر هڻندي باغي سر آلاپي ٿو:

"ميخاني مسجد ۾ چاڻي ڪونه فرق"

ساميءَ ههڙين ڪوتائن ذريعي سيني ڌرمن ۽ پنٿن جي ايڪتا لاءِ زور ڏيندي سهپ ۽ سهجيون جو سنديش ڏنو آهي، جيڪو اُن زماني ۾ ته اَهم ترين هوئي، پر اڄ به ڪو گهٽ اهميت نٿو رکي.

ليڪن سچل سرمست ته مذهبي ڪلفت ۽ ڪٽرپڻي جي جنسي جڙ ويهي ڪاٽي آهي. داي نادلي چوي ٿو:

* مذهب ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
* مذهب مُور نه مڃينا، آءٌ مشرب منجهه مدام
* لاشڪ آهيون لامذهب، اسان غرق ٿياسين د وحدت

* هندو مومن ناهيان......
ناميں مسجد، ناميں حجرا، اندر پير لـــ، پايان
نامين ڪعبه، نامين قبلا، مڪي مؤل نه جاوان
نامين نانڪ، نامين لڇمڻ، گنگا مؤل نه جاوان
يار نه ميڏان دُورس دُرازي، سچل ناو سڏايان

هي صحيح معنيٰ ۾ سيڪيولرواد (غير-مذهبيت) جو اظهار آهي، جيڪو اڄ به لت لڱون پيو لڳي. ان ڏس ۾ سچل اڃا به اڳتي وڌي هي باغي اظهار ڪــو ڪري جيڪو سچي سنڌ هند جي بڻي ڪنهن به صوفي يا سنت ڪويءَ وٽ ڪونهي.

* ڪلمي مونکي ڪين ڪيو، مؤرون مسلمان،
لڪي آحمد موڪليو عرب ڪـــان ايمان،
سچؤ سو سبحان، عـالم ليکي آدمـــي -
* ڪلمو پڙهان نه ڪافر ٿيان، گهران نه الهيءَ گهير
جـــاڏي راهه رسول جي، تاڏي پايـــان نه پير،
* الله الله چو چرين، پاڻ ٿي الله اڃاڻ
* جان جان طالب مسجد منبر، ڪين ڪرين ويرانا
تان تان راهه قلندر واري، ڪين ملي مردانـــا.

سچل مذهب جي ڪٽرپڻي جي مخالفت سان گــڏ هندو مسلمانن کي آگاهه ڪيو ته جي پاڻ ۾ ساز سلوڪت ۾ نه هليا ته پوءِ پڇتائڻو پوندو. هنجي اها پيشين گوئي اڄ اکئين ڏسي رهيا آهيون.

چوڻو:

وقت اِها اَچي ويل، ڏوڻي ڏور ڪرڻ جي،
ڪي مذاهب من مان، ساڄهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، سڀڪو اوله سج نہ الهي.
اوله سج نہ الهي، متان ٿئي اوير
ميڙي ويندءِ مغربي، تاريڪيءَ ۾ ٽير.

ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاوَ خلاف شاه لطيف جو هڪ لاثاني بيت آهي:

ذات نہ آهي ذات لي، جو وَهي سو لهي

شاه جي هيءَ هڪ سٽ اڄ بہ ڪلاسڪ آهي ۽ سماجڪ ڀيد ڀاوَ ۽ ڇوت ڇات جون ڌڄون اڏائيندڙ آهي. شاه پنهنجي شعر ۾ ڌوبياڻي سسئي ۽ سردار پنهونءَ، ماڇياڻي نوريءَ ۽ بادشاه ڄام تماچيءَ، ڪنڀارڻ سهڻي ۽ سردار ميهار جي محبت جو چٽر چٽيندي ان سماجڪ ڀيد ڀاوَ کي زبردست ڌڪ هنيو آهي.

سامي‌ءَ، وري ڇوت ڇات جي وروڌ کي هن نموني پيش ڪيو آهي:

* وڏي وڏائي، سامي جاڻ ڀڳت جي
نيچ اوچ ليا ڪنترا ڪري ڪمائي
نہ ساڌ چمار، جولاها، ٻهڻا نائي

جنهين لدو لائي، سي سيهگي سڏ رپا
* پڌت کي پاڙن، ساميءَ ڪيو ستڪروءِ

* جات، ورن، ڪل، ڪرم ڏي سامي ڪين ڏسن
هن ڪوتائن جي آلمڪ پردي کي لاهي ڏسڻداسين
ته اسانکي ڪيترائي معنيٰ جا موتي ملندا. انهن ۾ ساميءَ
نه رڳو سماجڪ ڀيد ڀاؤ مٿائڻ جو سنيهو ڏنو آهي، پر
پنهنجي زماني جي حقيقت جو به چٽو چٽيو آهي ته،
جن ماڻهن کي هيٺئين ذات ليکيو ٿي پنڊت سمجهي ايشور جي
ڀڳتيءَ کان به وانجهيو ويو هو، تن جاڳي پنهنجو اهو حق
حاصل ڪيو هو ۽ سڌ ڪيو ته ايشور اڳيان به اوچ نيچ
جو ڀيد ڀاو نٿو هلي. هنن، ساميءَ هينئين طبقي مان آيل
سنت ڪوين- ڪبير، ڏنو، روداس، سينا وغيره ڏانهن
اشارو ڪيو آهي.

سچل چيو:

نه مين سني، نا مين شيعا، نه مين ڏوهه نا ثواب،
ذات سچوءَ دي ڪيهي پڇدئين، نالي تان نا ياب.

سچل ذات پات، اوچ نيچ وغيره جي ڀيد ڀاؤ جي
رسمن رواجن کي ٽوڙي، وهمن جي پانهپ کان ڇوٽڪارو
پائڻ جو آواز بلند ٿو ڪري. چوي ٿو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو
وهم سچل ڪڍ پانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.
شاهه، سچل - ساميءَ انساني ڀيد ڀاؤ کي مٽائڻ لاءِ

رڳو ڌرم مذهب، ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ٻنڌڻن کي نه لتڙيو آهي، پر پاکنڊين ۽ بهروپين، ڍونگين ۽ ڏيکاءُ پسندن ۽ ڪوڙن ڪپٽين جي به قلعي کولي آهي. تنهن ۾ خاص ڪري ملن قاضين، پنڊتن ۽ جوڳين جي ته هڻن خوب لاک لاٿي آهي. جئن شاهه چوي ٿو:

* ملن منو ماءُ، پٽو ڦٽو پيٽ ۾
سچائي الله نبي ڏنائون ڏوڙ ۾
* اکر پڙهي آيا اگيا قاضي ٿيئين ڪياءُ؟
پيرڻين ۽ پاڻيئڻ ايڏان اُئين نه آءُ
اِن سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کي
* اَندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي
اهڙو تلهو ڏانءُ، پڇي چونه پورا ڪرين
* مورک مام نه ٻجهڻا هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
سي ڪيئن ٻرين پسن، ڪفر جن اکين ۾.
* روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
اُهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين.

هتي شاهه، ڪوڙن ڪانئن ۽ ڪفر وارن ملن ۽ قاضين جي ساٿون سچي صدق واري عزازيل کي آڻي ۽ روزن نمازن کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن "فهم" کي پسند ڪري، روايت پرستيءَ کي ٺوڪر هڻي آهي. اهڙي ئي نوع ۾ هن، ٻيت جي پوڄارن جوڳن جوڳين ۽ سوامين جي چڱي جوڙ پڄائي آهي. چوي ٿو:

* گولا جي گراهه جا جؤلا سي جوڳي
قلل او قوڳي، جنبين شڪم ساليا
* جنهن سعياسي ساليو گهدي ۽ گراهه
آنهين ڪان الله اڃا آڳاهون ٿيو.
* سامي چائين سڪ طلبئين، تسا ڏئين ڏ ٺن
ڏاڙهن ڪان منهن ڪيو، پڌين آڌا ۽ آن
ڪاپڙي! تو ڪن، ڪ چيرايا چشن لء

سامي ء ٻه اهڙن ڀونگين ۽ ڏيکاءُ پسندن جي خوب چنڊري لائي آهي، جيڪي ٻاهران سادن جو ڀيک ڌريء، اندر ۾ ڪوڙ ڪپت جون ڪاليون ۽ کهاڙيون پيا لڪيون ڪن ۽ حرام جي هڏيء لي هري ويا آهن. جئن چوينو:-

* لڪين لباڙي ڳالهيون ڪن اڳـم جـون
سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا، متو ۽ ڏاڙهي
ڪلڪائين ڪپت جي ڪالي ڪهاڙي
ياڙ ڪائي ياڙي ڏهيا وچـن وهـــ ۾!
* اندر گهد ٻه گهد، ٻاهرون اڇو اجـرو
پير سڏائي پاڻڪي، ڪرين فاضل قند.

سامي اڃا ٻه اڳتي وڌي پنهجي زماني جي حاڪمن، ميرن، حاجين ۽ مڪين چوڌرين جي لڳين چورين جا پول پڌرا ڪيا آهن. جئن چوينو:

ڪلجڳ جا ڪوڙا مير متعدي چوڌري

راڳيون ڏيهان لوڀ جا گهر ٻڌن ٻوڙا
وڏاهي وڏاه، سان ٻ وهــن وسوڙا

* چوري نه ڇاڻان، مــال ٻرائو لــ ڇڏيان
ڏيـــان ٻـــار اُتـــن جا، ڦريـــا نماڻـــا
تنهنکون ٻچاڻا، ڪريان حق حلال جون ڳالهڙيون.

سامي اُنهن ملن ۽ قاضين، گيانين ۽ ويراڳين کـــي
چڱي ڦٽ ڪئي آهي، جيڪي رڳو ٻاهران پيا پـڙهي
ڄاڻن يا پٿر پوڄي ڄاڻن ۽ جپ تپ پيا ڪن ۽ تيرٿ
۽ ٻن پيا پيئين. پر اندر ۾ ٻرڻ کـي لوچي نٿا لهن ۽
نڪو سچ کي ٿا سمجهي سگهن. چوي ٿو:

* ٻنن منجهه پيهي تو حرف نه لڌو هيڪڙو
توکي ڪل ڪيهي، قاضي ڪتابن جي؟
* ملا! مني ماء پڙهي پر جهي ڪينڪي.
* ليهه ٻيا نادان، ويد پڙهي وادي ٿيا
* ويد ن ٻگاڙي، ڪوڙين ڇڏيا ڪيترا
* اَهنڪاري اَحمق سچ سڃاڻن ڪينڪي
ٻڌي واڪ ويدانت جا ڊر ڊرڪن ٻڪ
* پٿر پوڄا ڪن، ديو نه ڏسن ديهه ۾
* مورک ڪين ڏسن، سامي سڀرڻ کـــي
تپ تيرٿ، ورت نيم، جڳ جهد ڪيو جاڳن
غفا، ٻـــن، پهاڙ ۾ ٻـــک اُڃ دک سهن
سامي ۽ متين ڪوتائن ۾ اُهي ڳالهيون ٻه چيون آهن،

جيڪي روايت پرستيءَ کي لوڪر هٿندڙ آهن. ڪرڙن ساڌن سنتن کي جڏهن ويدن جي ناليءَ ۾ عام ماڻهن کي ٺڳيندو ڏٺائين ته ڀاڻ ڀ چئي ويٺو:

ويدن جا وادي، اسين آهيون ڪيڪي
لکي ڄاڻون ڇٽ ۾، اَلک اُستادي.

سچل ڀ ملن مولوين، پاکنڊين ۽ پيٽ جي پوڄارين کي پريءَ سنگت ۾ جنسي ننگو ڪري ٿو ٻيهاري جڏهن چوي ٿو:

* ملان ته ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهنتا خاصا الله
هلي اچن ٿا ڪنن لي، هت ۾ ڪيؤن عاصا
جڙي ويهن ٿا مانين لي، ڪکيون پرن ٿا پاسا
ملان چون ٿا، ڪين ڪائون ٿا، ڪائي وڃن ٿا ڪاسا
سچُو سچ چوي ٿو ظاهر، ٻنيون گهمن ٿا ناسا.
* لکن نقش، ڪمائن ڪيميا، ميڙن مال خزانا
خوءِ خضر جي، ڪار شيطاني حفظ ڪرن قرانا
* مڪر ساڻ ملڪ ڪي لٽيرا لٽين.
ڪريو پيا ڪرين اَڪلون الله سان
* عشق پيو سي زور زور
ڪت ملان دي ٿوڙهه ٿوڙهه

جيڪي سچو ڏسهن جنت ۽ اُتي حورن کي حاصل ڪرڻ لاءِ يا دوزخ جي ڊپ کان، خدا جي عبادت جو ڍونگ ڪري مسجد ۾ مٿا پيا آهن، لکي

جواب ڏيندي سچل چيو ٿو:

* نڪي قاضي ملان معلم پير پٺياسين
نڪي ناهه نگيءَ جا ناهي، رنگ رساءِ رکياسين

* نه مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نه ڪيڙم زهد عبادت
نڪي مسجد مدرسه ويڙس، نه ڪيڙم تقوي طاعت
سچل جو ٿيو بخت سوايو، جو ڪيڙي عشق عنايت

* مسجد ڇڏي ميخاني منجهان، حاصل ڪيف ڪياسي
ڏوهه ثواب کان آجا ٿي، پوءِ سچل سچ ٿياسي

* عشق باجهون ٻيا سڀ ڪوڙ، سولي ٿي منصور
نه ڪوئي دوزخ نه ڪوئي جنت، نه ڪا حور قصور

سچل جي هڪ مشهور لاثاني هت تون ڪافي آهي، جنهن ۾ هو چيو ته پنهنجي پرينءَ جي ناز کي ڏسي مولڪان روزو نماز ته وسري ويا آهن. ڏسو مذهبي ظاهر پرستيءَ جي، جنهن اُن زماني ۾، انساني زندگيءَ کي گهڻي پُوسائي رکيو هو، ڪيڏي نه ڪل ٿو اُڏائي:

ڪيڙو مست پرين، جي ڪٺي ناز مولڪي
وسريو روزو ناهي، ياد نماز مولڪي
شوق شراب پيان، پڙ وٽ رالو ڏينهان
ڪونهي وري قاضي ملان جو ڪو لحاظ مولڪي
وائي وات کهائي، متيءَ کي جيڪا پرين
اچي ري هو هو پرين، جو لو آواز مولڪي
سچل مقصد سارو، ٽولهين وٽ ٽولهين الله

ڏس ڪر راز ڀٽائيءَ، جو ڪر ليار مونکي.

شاهه، سچل، ساميءَ جهڙي پاڪندين ۽ ڀڳوانن، ڪرشن کهنيس جا وڪيا پيدا ڪيا آهن. اهي هنن سڀني انسان ذات جي سڪيا ڏني آهي ۽ اهڙن سڀني انسان جي واڪان پڻ ڪئي آهي. ساڳي وقت هنن ايشور ۽ خدا جي پاڻ لاءِ ڀٽائيءَ من جي وڪارن - ڪام ڪروڌ لوڀ موهه ۽ اهنڪار کي دٻائڻ تي به زور ڏنو. ليڪن هنن جو ايشور نه هن دنيا جي عام جنتا ۾ وسندڙ آهي جئن چوندا:-

* خلق وسي خالق ۾، خالق منجهه خلق
* ملڪ ڏس مالڪ ۾، مالڪ منجهه ملڪ
* جڳت ڏنو جانيءَ ۾، جانيءَ منجهه جڳت.

(سامي)

خدا ڪس جاءِ نهين ڇمندا،
الله جڳ لوڪ سارا هئا.

(سچل)

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

(شاهه)

اهڙي طرح هي ڪوي اهين ڪوئي ٿا چون ته ايشور کي پاڻ لاءِ سچو وقت هنجو جاپ وبهي جمبو، ۽ هن لي پاڙي وبهي رهو ۽ ڀٽائيءَ وڪار دٻائي ڪوبه ڪرم نه ڪريو. هنن ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته انسان ڪسي

پنهنجي آدرش ۾ ڪوشش ڪرڻ کپي. جنهن سامي چيو ته:

سامي سڀ جو ڏيو آهي، پرشارٿ پنهنجو

شاهه جو نه هي، هڪ يادگار بيت آهي:

لٿي ٿڌي ڪاهه ڪانهي وڻ وهڻ جي

ساڳي طرح ٿي سچل چيو آهي:

متان وهين مات ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهه.

شاهه، سچل ۽ سامي جي شعر ۾ اسانکي اهڙا ڪيترائي اشارا ملن ٿا، جن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هنن شاهن ۽ شاهوڪارن، مايا جي مريدن ۽ مهاجنن، ظالمن ۽ شڪارين جي سڌي يا اڻسڌي طرح اوگهڙ ڪئي آهي. شاهه پنهنجي هڪ ڪلاسڪ ڪوتا ۾ چوي ٿو:-

جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنهنجن منجهان پند رهن تيا، اُن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شال مُوڏي سڀ مرن.

شاهه هن شعر ۾ رکيو ڏڪارين ۽ چور مارڪيٽ ڪندڙن لئي پٽ لتو وسائي، جنهن بين نقادن به چيو آهي ته سرمايداري سرشتي جي بنياد جي سمجهاڻي پڻ ڏني ٿو، جيڪو اُن زماني ۾ وڌي رهيو هو. اسانکي خبر آهي ته سرمايداري سرشتي جو بنياد ئي آهي نفعي لئي- مهانگو لهي ميڙڻ ۽ پنهنجن مان پند رهن ڪرڻ. جيڪڏهن اهو بنياد ڪڍيو وڃي ته سڄو سرمايداري سرشتو اچي پٽ پوي. شاهه ان ٽن سٽن جي اسٽ ۾ سرمايداري

سرشتي جي اوت کسوت تي لعنت هڻڻ لاءِ، جڻ ساگر
کي کوزي ۾ سمايو آهي.

سچل ۽ ٻيا لڳ ڀڳ چئو:

۽ مان حاڪم، ۽ مان ظالم، آهيان اُمن جو اُمير
سامي جيڪو پاڻ هڪ ڏنوان سيٺ ۽ واپاريءَ جو
پٽ هو، تنهن کي مايا (پئسي) ۽ اُنجي مريدن جي
افعالن جي اونهو اڀيڙ تو ڏسجي، جو هن پنهنجين ڪوتائن
۾ مايا کي جنسي حرف پڙيا آهن. چي، مايا نانگڻي،
منهن ڪاري، ڏندري، ڏيوالي، ڏائڻ بلا آهي. چوڻو:-

ڏاڍي ڏيـــوالي مايا ڏائـــڻ ڏنـــدري
سامي ڪيو جنهن سڀ کي ڪرپڻ ڪنگالي.

اهڙن انسانن، جن مايا سان پنهنجا مدل ڀريا آهـن ۽
ٻين کي اُنجو فائدو نٿا ڏين، تن کي سامي اجهو هيئن
تو ياد ڪري:

هڪ ڪٺو ۽ ڏني پاڻ، ٻئي کي ڏينگ وجهي پائي
مـــايـــا تنهن ٻورڪ جـــي آهـــي اجـــائـــي
سو وڏو پاپي پدرو، جنهنکي اهڙي عادت آئي

تنهي ڪرين، جتي شاهوڪار ۽ مايا جي مريدن تي
ملامت مڙهي آهي، اُتي هُن غريبن ۽ محنتين لاءِ قرب
جو اظهار ڪيو آهي. شاهه جي شعر ۾ ته اُن اظهار جي
جنسي پلٽان پلٽ لڳي پيئي آهي. هن هارين نارين،
پنوهارن ۽ سنگهارن ۽ اُنهنجي "ڏٽ ڏهاڙي سومرا"

واري جيوف جو چٽر چٽيو آهي، جيڪو خاص ڪري سر سارنگ، سر ڍهر، سر ڪاموڏ ۽ سر مارئي ۾ ڏاڍو آهي. چوي ٿو:-

* مند ٿي مندائل مند ۾، تاڙي ڪي تلوار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا
* چنڊ چڱ هٿن ۾، ڪهن ڪوڏارا
پورهئي خاطر پانهنجي اُٿن سوارا
اوڏ ٻيا وڻجارا، لاڪا! وڃن لڏيو.

* چاريون، ڪاريون، ڇڇ، ڇڇريون، جنجي محبت مٿي ۽ ساڻ رهن، وهن، سر ٻالڏئين، سيئي ٻڌوءِ هاڻ لڏڙن جٽن لطيف چئي، پاٽي ۽ وجهن پاڻ ٽن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪيو پانهنجي.

* آٽين ڪي چاڙهين، ڏٿ ڏيهاڙي سومرا
ستا ڪيو، سيد چئي سائون سڪائين
منجهان لب لطيف چئي، چائر ڪيو چاڙهين
پلاءُ نه پاڙين، عمر آراڙي ۽ سين.

* ٻ ٽين پٽين ٻير، مهين ماروئڙن جا
پائر سب ٻچي پيو، گهر گهاريندي ڪير
ڪولئين لڱن ڪير، محلين منجهي مون هنئون.

* سنهي ۽ سٿي ۽ سبيو، مون ماروءَ سين ساهه
ويڻي سارهان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه

هنئون مهنجو هٿ ڏيو، هٿ مٿيءَ ۽ ماهه
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

غريبن ۽ هيٺئين طبقي وارن ماڻهن جي جيڪا دلڪش تصوير ڪشي شاهه لطيف ڪئي آهي، اها سچل ۽ ساميءَ برابر نه ڪئي آهي نه ته هنن پنهنجيءَ ڪوتا ۾ اهو اهڃاڻ ضرور ڏنو آهي نه هنجو انهن ماڻهن لاءِ هڏ ڪڙڪي ٿو. ساميءَ جي هيٺين هڪ سٽ ڏي ان اظهار جو آئينو آهي:

غريبي گلزار آئي موچاري مينگهو چوي

هڪ ڏلوان سيٽ، جنهنجو واپار وڏن ڏيساورن سان هلندو هو، انجي پٽ ساميءَ جي ان زماني ۾، چيل مٿين هڪ سٽ ته ڪافي اهميت واري آهي.

ساڳيءَ طرح سچل ته سر مارئي جي ڪن ڪافين ۾ سانگهيڙن جي جيون جي جهلڪ پسائي آهي. مارئيءَ وارن چوائي ٿو:

* سارو سنگهارن ڏي، حال مٺان روئي
وجهان پرڏيهيءَ باهه ۾ شالون پٽ سيوئي
آنديم ڪٺي ڪوهه لون، آب پيري اوئي
اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪيڙي لوئي
* شال نه وساريان مارومولڪي شال نه وساريان.

درد جنين جو آهي دل کي
پهرن پروهر پانهجا، ويچها وهارين

جوڙ اسانجا جهُوپڙا، ماڙيون ٽيون ماڙين

شاهه، سچل ۽ ساميءَ، جنهن ڪوتا جي وشيه (موضوع) جي لحاظ کان پنهنجي زماني جو سنڌ (جيڪو انسانيت جو سنڌ هو) اونايو، آلي هو ڪوتا جي روپ جي ويچار کان گهربل تقاضا پوري ڪرڻ ۾ اهي پٺتي نه پيا. اُن زماني ۾ سنڌي ٻولي اڃا جڙي ٻاروتڻ ۾ هئي، جنهنڪري هنن اصطلاحن ۽ محاورن سان ٽمٽار نئين سنڌيءَ واريءَ ڪوتا سان جوڀن بخشيو. هنن شاعرن پنهنجا صوفي ۽ ويدانتي ڳُوڙها ويچار به سليس سنڌيءَ ۾ پيش ڪيا، جيتوڻيڪ اُن زماني ۾ ڌرمي شاسترن ۽ مذهبي ڪتابن جون ٻوليون هيون پارسي، عربي ۽ سنسڪرت. ساڳئي وقت هنن ضرورت آهر، پارسي، عربي ۽ سنسڪرت جون تشبيهون ۽ لفظ به ڪم آندا، جيڪو ڏيکاري ٿو ته هو هر لحاظ کان تعصب کان مٿي هئا.

هنن ٽنهي جو شعر (سواءِ سچل جي اُردو ۽ پارسي شعرن جي) اڪثر ڪري گيت ۽ سنگيت جي لئه لي ٻڌل آهي، جنهنڪري اهو مڌرتا سان ٽمٽار آهي. هنن جي اڪثر ڪوتا، بيت، وائي ۽ ڪافيءَ ذريعي پيش ڪيل آهي، جيڪي ديسي صنفون آهن.

هي سڀ ڏيکاري ٿو ته هنن کي سنڌيت لاءِ ڪيڏي نه اٿاهه سڪ هئي، جنهن جي اڄ به سخت ضرورت آهي ۽ جيڪا اڄ اسانجو قيمتي ورثو آهي.